روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) جمعو 09 جون 2023 ع بمطابق 19 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 15

پ پ هميشه چاهي ٿي ته عوام کي رليف ملي: شرجيل ميمڻ

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو جو عراق جو دورو انتهائي ڪامياب رهيو، ان ڪري عراقي حڪومت به ڪالهه اسيمبلي ۾ بل پاس ڪيو آهي

پاڪستان پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ڪالهه ايف پي سي سي آءِ ۾ ملڪي صورتحال تي ڳالهائيندي عوام لاءِ آواز اٿاريو

آصف علي زرداري ملڪ جي عوام لاءِ آواز اٿاريو ۽ واپارين جي تحفظ لاءِ به ڳالهايو، پيپلز پارٽي هميشه عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿي

آصف علي زرداري کي جڏهن به موقعو مليو عوام جي خدمت ڪئي، 2013 ع ۾ مهانگائي ناهي آئي پر افسوس جي ڳالهه آهي ته 3 سالن ۾ ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان آيو

پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين کي سياسي سمجهه نه هئي، هو طاقت جي زور تي اقتدار ۾ رهيو ۽ نوجوانن کي گمراهه ڪيو

خراب پاليسين ملڪي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو. هن آءِ ايم ايف سان ڪيل واعدا پورا نه ڪيا پر معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو جيڪو سنگين ڏوهه آهي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي سڌ سماءُ واري وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته آمريڪا ۾ ڪيپيٽل هيل تي حملو ڪندڙن کي 18 سال قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي ته پوءِ جناح هائوس ۽ جي ايڇ ڪيو تي حملي ڪندڙن جي سزا ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙي ڪيئن ٿي سگهي ٿي، ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ميمڻ چيو ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو A شرجيل جو عراق جو دورو انتهائي ڪامياب رهيو ان ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

رياست خلاف سنگين قدمن جي رٿابندي جون پڪيون ثابتيون آهن: وزيراعظم

وزارت عظميٰ جو عهدو سنڀاليندي ئي اهم چئلينج رهيا، گذريل حڪومت جي ناقص پاليسين سان ملڪ جو ڏيوالو ٿيڻ وارو هو

پاڪستان جا ماڻهو بهادر آهن ۽ ماضي ۾ به ڏکيائين جو مقابلو ڪري چڪا آهن، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسان پنهنجي پيرن تي بيهنداسين

پراميد آهيون ته آءِ ايم ايف سان معاملا سٺي طريقي سان طئي ٿيندا، آءِ ايم ايف سان معاهدي ۾ گهرجون ۽ شرط سٺي انداز ۾ پورا ڪنداسين

ملڪ کي فيٽف جي گري لسٽ مان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون ،شرپسند عنصرن ۽ قومي سڃاڻپ کي مجروح ڪندڙن کي سخت سزا ڏني ويندي

تحريڪ انصاف چيئرمين خلاف سنگين ڪرپشن جا الزام آهن، گذريل حڪومت چار سالن ۾ سڄي اپوزيشن کي انتقام جو نشانو بڻايو : پرڏيهي خبرو اداري کي انٽرويو

اسلام آباد(م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته نو مئي تي شرپسند جٿن رياست جي رٽ کي چئلينج ڪيو ۽ رياست خلاف سنگين قدمن جي رٿابندي جون پڪيون ثابتيون موجود آهن. پرڏيهي خبرو اداري کي انٽرويو ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو ته وزارت عظميٰ جو عهدو سنڀاليندي ئي اهم چئلينج رهيا. گذريل حڪومت جي ناقص پاليسين سان ملڪ جو ڏيوالو ٿيڻ وارو هو. گذريل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پرڏيهي خبرو اداري کي انٽرويو ڏئي رهيو آهي

ملڪي معيشت کي 2017 واري پوزيشن تي واپس آڻڻو آهي: اسحاق ڊار

گذريل ڪجهه سالن دوران ملڪي معيشت 47 هين نمبر تي هلي وئي، هلندڙ مالي سال چئلينجن ڀريو رهيو

وياج ۽ قرضن جي ادائيگي جو خرچ 7 هزار ارب تائين پهچي چڪو آهي

حڪومت پاڪستان جي معيشت کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي

اسلام آباد (م د) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته ملڪي معيشت کي 2017 واري پوزيشن تي واپس آڻڻو آهي، 2017 ۾ پاڪستان دنيا جي 24 هين معيشت هو. گذريل ڪجهه سالن دوران ملڪي معيشت 47 هين نمبر تي هلي وئي، هلندڙ مالي سال چئلينجن ڀريو رهيو. ناڻي واري وزير هلندڙ مالي سال جي اقتصادي سروي رپورٽ پيش ڪري ڇڏيا اسحاق ڊار چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

وفاقي بجيٽ: سرڪاري ملازمن جي پگهارن، الائونسز ۽ پينشن ۾ واڌ جو امڪان

پگهارن ۽ پينشن ۾ واڌ بابت 3 تجويزون تيار ڪيون ويون آهن : ذريعا

وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٿيندڙ ڪابينه جي اجلاس ۾ پيش ڪيون وينديون

اسلام آباد (م د) وفاقي سرڪار طرفان ايندڙ مالي سال 2023_24 جي وفاقي بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ ايڊهاڪ الائونس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مصدق ملڪ بجيٽ کان اڳ پيٽرول جي قيمت ۾ لاٿ بابت عوام کي خوشخبري ٻڌائي ڇڏي

ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ پيٽرول جون قيمتون وڌيڪ گهٽ ڪيون وينديون : مصدق ملڪ

ترڪمانستان ۽ آذربائيجان کان ٿيل معاهدي جي نتيجي ۾ گيس جي قيمتون به گهٽ ڪيون وينديون

اسلام آباد(م د) پيٽروليم بابت وفاقي ڊاڪٽر مصدق ملڪ بجيٽ کان اڳ ئي عوام کي پيٽرول جي قيمت ۾ لاٿ بابت خوشخبري ٻڌائي ڇڏي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: پيٽروليم بابت وفاقي ڊاڪٽر مصدق ملڪ صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ، بينچ جو ميمبر بيمار، ٻڌڻي ملتوي

سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ تي حڪم جاري ڪري ڇڏيو

سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ تي حڪم جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ خلاف داخل درخواستن جي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

آمدني کان وڌيڪ اثاثا: فرح خان ۽ سندس مڙس نيب ۾ جواب جمع ڪرائي ڇڏيو

نيب کي پرائيويٽ بزنس جي معاملي ۾ جاچ ڪرڻ جو ڪو به اختيار نه آهي : وڪيل

فرح خان ۽ سندس مڙس احسن جميل گجر جو پنهنجو ڪاروبار آهي

فرح گوگي (فائيل فوٽو)

اسلام آباد (م د) آمدني کان وڌيڪ اثاثن جي ڪيس ۾ فرح خان ۽ سندس مڙس احسن گجر نيب ۾ جواب جمع ڪرائي ڇڏيو آهي جنهن ۾ نيب جي آفيسرن کي سزا ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي.فرح خان جي وڪيل موقف اختيار ڪيو آهي ته نيب ريفرنس داخل ڪرڻ کان اڳ پريس ريليز ۽ ميڊيا کي ڪوڙيون ۽ بي بنياد خبرون ڏئي نيب قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي ان ڪري نيب آفيسرن کي سزا ڏني وڃي،وڪيل موجب نيب کي پرائيويٽ بزنس جي معاملي ۾ جاچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ديامير ڀاشا ڊيم لاءِ سنڌو درياهه جو رخ موڙڻ جو فيصلو

واپڊا چيئرمين سجاد غني ديامر ڀاشا ڊيم منصوبي جو دورو ڪيو

سنڌو درياءَ پنهنجي قدرتي وهڪري تي عمل ڪندي : واپڊا چيئرمين کي بريفنگ

اسلام آباد(مانيٽرنگ ڊيسڪ) نومبر ۾ ديامير ڀاشا ڊيم لاءِ سنڌو درياهه جو رخ ڪيو ويندو، جيڪو سنڌو درياهه کي موڙڻ جو اهم ترين هدف آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي چونڊ جو شيڊول جاري

ريجنل اليڪشن ڪميشن ڪراچي نذرعباس شيڊول جاري ڪيو

12 جون تي رٽرننگ آفيسر جي فيصلي جي خلاف اپيلون داخل ٿي سگهنديون

ڪراچي (رپورٽر) اليڪشن ڪميشن ڪراچي جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئرجي چونڊ جو شيڊول جاري ڪري ڇڏيو 9 ۽ 10 جون تي اميدوار نامينيشن فارم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پيپلزپارٽي ميئر بابت خوش فهمي جو شڪار آهي: حافظ نعيم الرحمان

ميئر جي چونڊ واري ڏينهن رڳو اسان جا 193 ماڻهو گهر ۾ هوندا

اميد ته ٻيون سياسي پارٽيون به اڇي ميئر جي چونڊ ۾ حمايت ڪنديون

ڪراچي (رپورٽر)جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته 15 جون تي بلدياتي چونڊن ڪانپوءِ ميئر جي چونڊ ٿيندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پاڪستان ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جا الزام بي بنياد آهن: ممتاز زهرا بلوچ

خديجه شاهه جي ٻٽي شهريت سبب آمريڪي سفارتخاني قونصلر رسائي جي درخواست ڪئي

خديجه شاهه ڪيس ۾ آمريڪي سفارتخاني جي درخواست گهرو وزارت ڏانهن اماڻي ڇڏي آهي

پاڪستان آئين ۽ قانون موجب هلندڙ ملڪ آهي، پاڪستان ۾ سمورن شهرين کي بنيادي حقن ملي رهيا آهن

اسلام آباد(م د) پرڏيهي وزارت جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي ته 9 مئي جي پرتشدد واقعن ۾ ملوث ڪردارن کي قانون موجب ڪيفر ڪردار تائين پهچايو پيو وڃي. جوابدارن سان آئين ۽ قانون موجب سلوڪ ڪيو پيو وڃي، اسلام آباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پرڏيهي وزارت جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ

بلوچستان عوامي پارٽي جو بجيٽ سيشن جي بائيڪاٽ جو اعلان

بلوچستان عوامي پارٽي وفاقي بجيٽ سيشن جو حصو نه بڻجندي : عبدالقدوس بزنجو

بي اي پي جا قومي اسيمبلي ميمبر ۽ سينيٽر وفاقي بجيٽ سيشن ۾ شرڪت نه ڪندا

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي وڏي وزير ۽ بلوچستان عوامي پارٽي جي صدر عبدالقدوس بزنجو وفاقي بجيٽ سيشن جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو وفاقي بجيٽ سيشن پارليامينٽ هائوس ۾ پيش ڪئي ويندي. جنهن لاءِ قومي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

قاضي احمد مان 4 ڏينهن اڳ مبينا طور اغوا ٿيل شاگرديائي جو مذهب مٽائي شادي ڪرڻ جو انڪشاف

هندو شاگرديائي جي مذهب مٽائي شادي ڪرڻ جو انڪشاف سامهون اچڻ بعد سندس جي سوشل ميڊيا تي وڊيو وائرل ڪئي وئي

آءُ پاڻ اختر گبول سان آئي آهيان مسلمان ٿيڻ بعد سندس سان شادي ڪئي آهي مون کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي : ناري

نينگري مٿان سخت تشدد ڪيو ويو آهي نينگري کي تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد سندس کان بيان ورتو ويو آهي : ناري جو والد

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد شهر جي دوست محمد ڪالوني مان 4 ڏينهن اڳ مبينا طور اغوا ٿيل 8 ڪلاس جي هندو شاگرديائي 14ورهين جي سوهانا شرما کي پوليس هٿ ڪري مقامي عدالت ۾ پيش نه ڪري سگهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

رياست جو تعلق گهر ۽ رهواسين جو ناهي پر هو پاڪستان کي مسجد سمجهن ٿا : سراج الحق

ڪرپشن کان پاڪ پاڪستان لاءِ خوشحال پاڪستان به اهم قدم آهي

ملڪ کي ڪمن جي گود وانگر مقدس گود سمجهي ٿو، اسان اهو پاڪستان ڳولي رهيا آهيون جنهن جو خواب علامه اقبال ڏٺو هو

هڪ اهڙو شعبو آهي جنهن تي ظالمن ڊرون حملا نه ڪيا آهن، جڏهن به ناڻي وارو وزير ايندو آهي ته چوندو آهي ته وسيلا گهٽ آهن

ملتان (مانيٽرنگ ڊيسڪ)امير جماعت اسلامي پاڪستان سراج الحق جو چوڻ آهي ته رياست جو تعلق گهر ۽ رهواسين جو ناهي پر هو پاڪستان کي مسجد سمجهن ٿا،ملتان ۾ چونڊ ڪنوينشن کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي پاڪستان سراج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ملتان: امير جماعت اسلامي پاڪستان سراج الحق چونڊ ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

گيان چند ايسراڻي جو سينيئر صحافي عبدالحميد سومرو سان تعزيت جو اظهار

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيان چند ايسراڻي سينيئر صحافي ۽ پارلياماني رپورٽر عبدالحميد سومرو جي ڀاءُ نسبتي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سوگوار پونئرن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي. پنهنجي هڪ تعزيتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

افغانستان ۾ بم ڌماڪي ۾ مارجي ويل نائب گورنر جي جنازي نماز دوران ڌماڪو، 15 ڄڻا مارجي ۽ ڪيترائي زخمي

ڌماڪو ان وقت ٿيو جڏهن صوبي جي نائب گورنر نثار احمد احمدي جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وئي

واقعي ۾ ڪيترين ئي فوتگيون ٿيون آهن پر ان جو صحيح انگ ناهي ٻڌايو ويو : مقامي اختياريون

ڪابل (م د) افغانستان ۾ بم ڌماڪي ۾ مارجي ويل نائب گورنر جي جنازي نماز دوران ڌماڪي جي نتيجي ۾ 15 ڄڻا مارجي ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب افغانستان جي صوبي بدخشان جي مسجد ۾ ڌماڪو ان وقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

صدر عارف علوي جي نااهلي لاءِ داخل ڪيل درخواست تي سپريم ڪورٽ اعتراض واري ڇڏيا

آئين جي آرٽيڪل 248 جي تحت صدر عارف علوي کي ڌر نٿو بڻائي سگهجي : درخواست تي اعتراض

درخواستگذار ڪنهن ٻئي لاڳاپيل فورم سان رابطو نه ڪيو آهي نه ئي رابطي ڪرڻ جو سبب ٻڌايو

امتياز نالي شهري صدر عارف علوي جي نااهلي خلاف درخواست داخل ڪئي هئي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار آفيس صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي نااهلي لاءِ داخل ڪيل درخواست تي اعتراض واري ڇڏيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

صدر ڊاڪٽر عارف علوي (فائيل فوٽو)

ڪجهه جج پارليامينٽ جو قانون نٿا مڃين: عرفان قادر

القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ اڳڀرائي ٿي آهي، ڪجهه وڌيڪ ثبوت سامهون آيا آهن

پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڪجهه مائٽن به عطيو حاصل ڪيو آهي

اسلام آباد:(مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم جي خاص مددگار عرفان قادر چيو آهي ته ملڪ کي هڪ طرف ولي وڃي رهيو آهي. جنهن ۾ چند جج پارليامينٽ جو قانون به نٿا مڃين، ان تي اسان سڀني کي خدشا آهن وزيراعظم جي خاص مددگار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڄامشورو ۾ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ، نوجوان قتل

هٿياربندن جي فائرنگ گولين لڳڻ سبب 26 سالا نوجوان نظير احمد بروهي ولد فقير محمد بروهي مارجي ويو

نوجوان اصل پانڌي شرو گرڻ بلوچستان جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته قتل جو ڪارڻ ذاتي دشمني ٿي سگهي ٿو : پوليس

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو پل پرسان رڪشا اسٽاپ تي نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ گولين لڳڻ سبب 26 سالا نوجوان نظير احمد بروهي ولد فقير محمد بروهي مارجي ويو لاش لمس اسپتال منتقل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

جهانگير ترين نئين سياسي جماعت "استحڪام پاڪستان" جو بنياد رکي ڇڏيو

سياست ۾ اچڻ جو هڪ ئي مقصد ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجو حصو وجهڻ آهي : جهانگير ترين

تحريڪ انصاف کي هڪ مضبوط سياسي قوت بڻائڻ ۾ رات ڏينهن محنت ڪئي

2013 جي چونڊن ڪانپوءِ اسان پارٽي ۾ هڪ جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو

لاهور: سينئر سياستدان جهانگير ترين پنهنجي سياسي جماعت "استحڪام پاڪستان پارٽي" قائم ڪرڻ جو اعلان ڪندي

لاهور(م د) سينئر سياستدان جهانگير ترين پنهنجي سياسي جماعت "استحڪام پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ارشد شريف جي والده پي ٽي آءِ چيئرمين کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) سينئر صحافي ارشد شريف جي والده پي ٽي آءِ چيئرمين کي ارشد شريف قتل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

فواد چوڌري به استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شامل، مسرت چيمه شموليت بابت ترديد ڪري ڇڏي

فواد چوڌري شرڪت ڪئي هئي جنهن کان پوءِ ڪيس جهانگير ترين جي استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ اهم عهدو ملڻ جو امڪان

منهنجي جهانگير ترين ۽ نه ئي ان گروپ جي ڪنهن اڳواڻ سان ملاقات ٿي آهي : مسرت چيمه

ڪنهن به پارٽي ۾ شامل نه ٿي آهيان نه ئي وري ٿيندس. جهانگير ترين سان ملاقات جي سالن جي پراڻي تصوير هلائي پئي وڃي

لاهور(م د) پي ٽي آءِ جو اڳوڻو مرڪزي اڳواڻ فواد چوڌري به استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شامل ٿي ويو آهي. ذريعن موجب عليم خان جي رهائشگاهه تي گذريل ڏينهن ڪوٺايل تقريب ۾ فواد چوڌري شرڪت ڪئي هئي جنهن کان پوءِ ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

فريال ٽالپر سان ٿرپارڪر ضلع ڪائونسل جي وائيس چيئرپرسن جي عهدي لاءِ پيپلزپارٽي جي عورت اميدوار ڪملا ڀيل ملاقات

ملاقات ۾ ڪملا ڀيل ڪيس اهم عهدي لاءِ نامزد ڪرڻ تي پيپلزپارٽي قيادت جو شڪريو ادا ڪيو

ضلع ڪائونسل ٿرپارڪر جي وائيس چيئرپرسن جي پي پي اميدوار ڪملا ڀيل فريال ٽالپر کي گلن جو گلدستو پيش ڪيو

هي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو مشن هو ته عورتن کي هر شعبي ۾ اڳيان آندو وڃي : فريال ٽالپر

ڪراچي: پي پي اميدوار ڪملا ڀيل فريال ٽالپر کي گلن جو گلدستو پيش ڏئي رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) فريال ٽالپر سان ٿرپارڪر ضلع ڪائونسل جي وائيس چيئرپرسن جي عهدي لاءِ پيپلزپارٽي جي عورت اميدوار ڪملا ڀيل ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ملڪ ۾ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ اڄ مليل جليل رجحان رهيو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ اڄ مليل جليل رجحان رهيو، انٽر بئنڪ ۾ ڊالر معمولي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ حڪومت پاران گذريل سال برسات ۽ ٻوڏ سبب متاثر هارين لاءِ اهم فيصلو

3 مرحلي ۾ يوريا ۽ ڊي اي پي ڀاڻ تي في هاري کي 60 هزار رپيا سبسڊي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو

هڪ ايڪڙ کان ساڍا 12 ايڪڙ تائين زمين رکندڙ 2 لک 34 هزار 313 هارين کي ڀاڻ جي صورت ۾ سبسڊي ڏني ويندي

هڪ ايڪڙ ۽ ساڍي 12 ايڪڙ تائين زمين رکندڙ هارين کي هڪ جيتري ئي سبسڊي رقم ڏني ويندي: منظور وسان

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ حڪومت پاران گذريل سال برسات ۽ ٻوڏ سبب متاثر هارين لاءِ اهم فيصلو سنڌ حڪومت پاران 3 مرحلي ۾ يوريا ۽ ڊي اي پي ڀاڻ تي في هاري کي 60 هزار رپيا سبسڊي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي جنهن ۾ هڪ ايڪڙ کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: ابراهيم حيدري مان پابندي مڙهيل تنظيم جو دهشتگرد گرفتار

ابراهيم حيدري مان سي ٽي ڊي ڪارروائي ڪندي پابندي مڙهيل تنظيم جي هڪ دهشتگرد کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدار سوشل ميڊيا تي پابندي مڙهيل تنظيم لاءِ فنڊ گڏ ڪندا هئا : سي ٽي ڊي ترجمان

جوابدار دهشتگردي جي تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ افغانستان وڃڻ چاهيندا هئا

ڪراچي(رپورٽر) سي ٽي ڊي ڪارروائي ڪندي پابندي مڙهيل تنظيم جي هڪ دهشتگرد ابراهيم حيدري کي گرفتار ڪري ورتو ڪراچي جي علائقي ابراهيم حيدري مان ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) ڪارروائي ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: سي ٽي ڊي پاران ابراهيم حيدري مان پابندي مڙهيل تنظيم جو دهشتگرد گرفتاري بعد بيٺل آهي

ٽي بي ۽ مليريا پروگرام، پاڪستان لاءِ 282 ملين ڊالر جي عالمي گرانٽ منظور

ڪراچي (رپورٽر) گلوبل فنڊ پاڪستان جي ٽي بي ۽ مليريا پروگرام لاءِ 282 ملين ڊالر گرانٽ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي ان ڏس ۾ صحت واري وفاقي وزير عبدالقادر پٽيل چيو ته گرانٽ جي منظوري گلوبل فنڊ جي ٽيڪنيڪل ريويو ڪميٽي جي منظوري کان پوءِ ڏني وئي آهي جنهن تي ڪامن مئنجمينٽ يونٽ جي ٽيم ۽ صحت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

جناح هائوس حملو: خديجه شاهه سميت 13 عورتن جو جوڊيشل ريمانڊ منظور

سمورين 13 عورتن جي سڃاڻپ پريڊ ۾ سڃاڻپ ٿي چڪي آهي : جاچ آفيسر

خديجه شاهه، صنم جاويد کان جسماني ريمانڊ دوران ڏنڊو هٿ ڪيو ويو آهي : سرڪاري وڪيل

صنم جاويد سميت ٻين عورتن پيٽرول بم جو به استعمال ڪيو، عورتن کان پيٽرول بم هٿ ڪرائڻ ضروري آهي

لاهور(م د) دهشتگردي جي انت واري عدالت جناح هائوس حملي ۾ ملوث خديجه شاهه سميت 13 عورتن جو 14 ڏينهن جو جوڊيشل ريمانڊ منظور ڪندي جيل اماڻي ڇڏيو.جناح هائوس حملي ۾ ملوث 13 عورتن جو 5 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ مڪمل ٿيڻ تي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جاچ آفيسر ٻڌايو ته سمورين 13 عورتن جي سڃاڻپ پريڊ ۾ سڃاڻپ ٿي چڪي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

فواد چوڌري ۽ علي زيدي پاڻ تي غداري جو ليبل لڳائڻ لاءِ تيار ناهن : عطاءُالله تارڙ

پرڏيهي فنڊنگ ڪيس جو فيصلو ٿيڻ ۾ 6 سال لڳي ويا، دير ڪرڻ وارا حربا استعمال ڪيا ويا

ڪالهه مقتول وڪيل جي پٽ کي جوابدار نامزد ڪيو، ڀهرين ڪرپشن ۽ هاڻي اهو شخص قتل تي اچي ويو آهي

اسان جي پارٽي جا رڳو 5 ماڻهو پنجاب اسيمبلي ڇڏي ويا، اسان ڪنهن کي به غدار نه چيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم جي خاص مددگار عطاءُ تارڙ چيو آهي ته پي ٽي آءِ ڇڏڻ وارن کي سلام پيش ڪريان ٿو. فواد چوڌري ۽ علي زيدي پاڻ تي غداري جو ليبل لڳائڻ لاءِ تيار ناهن،اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي عطاءُ تارڙ چيو ته پرڏيهي فنڊنگ ڪيس جو فيصلو ٿيڻ ۾ 6 سال لڳي ويا. دير ڪرڻ وارا حربا استعمال ڪيا ويا. لاڏلي دير وارا حربا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

شاهه محمود پي ٽي آءِ چيئرمين سان ملاقات بعد فون بند ڪري منظر عام تان غائب

لاهور(م د) پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ شاهه محمود قريشي وچ ۾ ملاقات جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي آهي ڪالهه شام شاهه محمود قريشي جڏهن پي ٽي آءِ چيئرمين سان ملاقات لاءِ پهتو ته سندس چهري تي مسڪراهٽ هئي ۽ هُن ميڊيا سان ڳالهايو پر جڏهن ملاقات تان واپس پهتو ته شاهه محمود قريشي جو منهن لٿل هو ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

لنڊن: وفاقي وزير سيد نويد قمر تقريب دوران انويسٽرن کي خطاب ڪري رهيو آهي

شهدادڪوٽ ۾ پئي ڏينهن به وڌندڙ بدامني خلاف سياسي سماجي اتحاد پاران احتجاج

شهر جي مختلف سياسي، سماجي تنظيمن جي اڳواڻن وزير ڪوسو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

ايس ٽي پي امداد سومرو، شهري اتحاد صدر وهاب پندراڻي، سردار مگسي، قاسم سومرو شريڪ ٿيا

موٽرسائيڪلون ۽ موبائل فونن سميت لکين روپيا روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي وڃن ٿا: مظاهرين

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ پئي ڏينهن به شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف سياسي سماجي اتحاد جي سڏ تي احتجاج. شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف سياسي، سماجي اتحاد جي سڏ تي پئي ڏينهن به شهر جي مختلف سياسي، سماجي تنظيمن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

شهدادڪوٽ: وڌندڙ بدامني خلاف سياسي سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

حڪمران ڌارين کي خوش ڪرڻ لاءِ عوام کي مهانگائي ڏانهن ڌڪي رهيا آهن: الهه بخش

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان عوامي مومنٽ جي ڪو چيئرمين سردار الهه بخش انيل ڀٽي پنهنجي رهائشگاهه تي ڪوٺايل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته حڪمران طبقو ڌارين کي خوش ڪرڻ لاءِ عوام کي مهانگائي جي طوفان ۾ ڌڪي رهيو آهي رکي، اينڊڙ بجيٽ عوام خلاف آهي بجيٽ هوندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ريجنل آفيس سکر جي انچارج وفاقي محتسب پاران شڪايتن جي ٻڌڻي، عملدار پيش ٿيا

سعيد احمد ڪوريجو ڊپٽي مئنيجر سوئي سدرن گيس ڪمپني ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي وئي

نمائندن کي هدايت ڪئي آهي ته متاثرن جي شڪايتن جو جلد از جلد ازالو ڪيو وڃي: محمود علي شاهه

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) ريجنل آفيس سکر جي انچارج وفاقي محتسب سيد محمود علي شاهه پاران داخل ڪيل شڪايتن جي ٻڌڻي ڪئي وئي. جنهن ۾ سعيد احمد ڪوريجو ڊپٽي مئنيجر سوئي سدرن گيس ڪمپني لاڙڪاڻو، شڪارپور، شهداد ڪوٽ قمبر جيڪب آباد. ڪنڌ ڪوٽ ۽ ٻين علائقن ۾ داخل شڪايتن جي ٻڌڻي ڪئي، سڀني شڪايتن جو فوري طور تي ازالو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز ۾ جروار برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار بعد قتل جو ڪيس داخل

پوليس پاران قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ ڪري سنڌس وارثن ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

گلڻ جروار ؛ مسرور جروار ؛ سومر جروار ؛ ممتاز جروار ؛ مختيار جروار اسان جي همراهه کي قتل ڪيو: وارث

سزا ڏئي اسان سان انصاف ڪن ۽ بيگناهه ٿيل ناحق نوجوان ذاڪر علي جي خون سان انصاف ڪن: ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ٽي ڏينهن اڳ سورو لڳ حد نيوجتوئي ۾ جروار برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار بعد مقتول ذاڪر علي کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو جنهن بعد نيوجتوئي ٿاڻي جي حد ۾ وارثن پاران ڪيس داخل ڪرايو ويو جنهن بعد پوليس پاران مقتول جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ ڪري سنڌس وارثن ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو آهي ت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: نيوجتوئي واسي ڳوٺاڻا انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر جي سياسي سماجي شخصيات جي ملڪ سعد رضوان کي مبارڪن جو سلسلو جاري

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) شهر جي مختلف سياسي سماجي شخصيات جي ملڪ سعد رضوان کي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ يوٿ چيئرمين ٿيڻ تي مبارڪون. جڏهن ته ملڪ سعد رضوان پنهنجي ٻئي اڳوڻي صدر چيمبر آف ڪامرس ملڪ رضوان الحق، محمد اويس رئيس، محمد فهد رضوان ۽ ٻين سان گڏ ريلي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

قومي عوامي تحريڪ شڪارپور پاران رسول بخش پليجي جي پنجين ورسي تقريب

سنڌو درياهه ۽ سنڌ جي پاڻي جو وارث هيو نياڻين کي سياست ۾ اڳواڻي جو ڪردار ڏنو: اڳواڻ

ايڊووڪيٽ آغا فهد خان، ايڊووڪيٽ ظفر علي چنه، سنڌي جو ٻولي ناميارو اديب انور فگار هڪڙو شريڪ

سنڌ جي مظلوم ۽ پورهيت عورتن ۾ سياسي سجاڳي، سمجهه ۽ شعور جا ڏيئا روشن ڪيا: ايڊووڪيٽ آغا فهد خان

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) قومي عوامي تحريڪ شڪارپور پاران رسول بخش پليجي جي پنجين ورسي تقريب شڪارپور ۾ ملهائي وئي پليجو لطيف جي پارکو. دنيا جي علمن جو شاگرد سنڌو درياهه ۽ سنڌ جي پاڻي جو وارث هيو نياڻين کي سياست ۾ اڳواڻي جو ڪردار ڏنو. تقريب ۾ آيل اديبن دانشورن ليکڪن پاران پيٽا پيش ڪئي وئي. خبر موجب: قومي عوامي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوان جتوئي لڳ ڳوٺ علي علي خان جروار جا سوين ڳوٺاڻا قرآن شريف کڻي پريس ڪلب پهتا

سوين ڳوٺاڻا مصدق جتوئي ۽ گلڻ جروار جي ظلمن کان تنگ ٿي نيشنل پريس ڪلب تي پهچي ويا

پاڻ ۾ چوري تان تڪرار هوان جو فيصلو سيد منظور شاهه چيئرمين اجاز ۽ ٻين 40 قرآن تي ڪيو: مظاهرين

فيصلي بعد به اسان جي نوجوان کي سومر جروار جي جي پچ تي گلڻ منظور ۽ اصغر منگي ۽ ٻين قتل ڪيو آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوان جتوئي لڳ ڳوٺ علي خان جروار جا سوين ڳوٺاڻا مصدق جتوئي ۽ گلڻ جروار جي ظلمن کان تنگ ٿي نيشنل پريس ڪلب تي قرآن شريف کڻي عيسي جروار گلزار غازي خادم حسين جروار ۽ برادري سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

پيپروسڻ پرسان مهراڻ هاءِ وي روڊ تي ڪورڪي اسٽاپ وٽ درويش کي چيپائي چڙهيو

ٺري ميرواهه (رپورٽر) پيپروسڻ پرسان مهراڻ هاءِ وي روڊ تي ڪورڪي اسٽاپ وٽ پشاور کان ڪراچي ويندڙ ڪوچ جو روڊ ڪراس ڪندڙ درويش صفت نوجوان کي ٽڪر هڻي کي چيپائي ماري چڙهيو آهي، جڏهن ته تيز رفتار ڪوچ درويش صفت نوجوان مٿان چڙهي وئي جنهن جي نتيجي ۾ درويش نوجوان چيپائجي فوت ٿي ويو آهي حادثي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: ڳوٺ علي خان جروار واسي پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ گندگي جو آزار نه ٽٽڻ، شهر کي نئون ڊرينيج سسٽم نه ملڻ، احتجاج

ملازمن جو ويزا سسٽم ختم ڪري ۽ ڪرپٽ عملي خلاف ڪاروائي ڪرڻ جي گهر

محمد يونس راڄپر، ايم ظفر تگر جي اڳواڻي ۾ شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن جي لاپرواهي سبب نوشهروفيروز شهر گندگي جو ڍير بڻجي ويو

نوشهروفيروز (د ر) ڪروڙين روپيا خرچ ٿيڻ باوجود نوشهروفيروز ۾ گندگي جو آزار نه ٽٽڻ. شهر کي نئون ڊرينيج سسٽم ، رپنج مشين ڏيڻ جي گهر، ملازمن جو ويزا سسٽم ختم ڪري ۽ ڪرپٽ عملي خلاف ڪاروائي ڪرڻ جي گهر. نوشهرو فيروز ۾ ميونسل عملي خلاف سياسي، سماجي تنظيمن پاران ٻڌڻهن ۽ احتجاج. پريس ڪلب ۽ ميونسپل آفس آڏو ڌرڻو سخت نعرو باز ڪٺ خبر موجب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

گهوٽڪي ۾ جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جي اڳواڻي ۾ احتجاج جون تياريون هلندڙ

بحريا ٽائون ڏاري آبادڪاري سنڌ ۾ لاقانونيت خلاف ميرپورماٿيلو ۾ نڪرندڙ ريلي جون تياريون

اڳواڻن نصرالله ڪلادي، محبوب گهوٽو ميرحسن لاشاري ۽ ٻين ڪارنر گڏجاڻيون ڪري دعوتون ڏنيون

پ پ سنڌ دشمن پارٽي آهي جنهن هميشه ڌارين جي سهولت ڪاري ڪئي آهي: اڳواڻن جون ڳالهيون

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جي اڳواڻي ۾ 15 جون تي ڊيجيٽل آدمشاري، بحريا ٽائون ڏاري آبادڪاري سنڌ ۾ لاقانونيت خلاف ميرپورماٿيلو ۾ نڪرندڙ ريلي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ جسقم اڳواڻن جا گهوٽڪي جي مختلف علائقن ۾ ڳوٺن ۾ ڪارنر گڏجاڻيون ڪري دعوتون ڏنيون. جسقم اڳواڻن نصرالله ڪلادي، محبوب گهوٽو مير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪنهن به اداري جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي: ڊپٽي ڪمشنر ڪورنگي

ڪراچي (رپورٽر) ڪورنگي ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر سيد محمد علي زيدي جي صدارت هيٺ برسات جي حوالي سان مقامي هال ۾ اجلاس ٿيو. اجلاس جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي. نون چونڊيل چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين ڊي سي ڪورنگي کي پنهنجن علائقن جي مسئلن کان آگاهه ڪيو ڊپٽي ڪمشنر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گهوٽڪي: جسقم پاران ڪوٺايل ڪارنر گڏجاڻي جو ڏيک

تعلقا اسپتال گولاڙچي جي ڊاڪٽر احمد کتي جي اغوا وارو معامرو نئون رخ اختيار ڪري ويو

گولاڙچي جي رهواسي واپاري غلام مصطفي جتوئي گولاڙچي ٿاڻي تي ايف آئي آر داخل ڪرائي

ڊاڪٽر احمد کتي نندي ڀاءُ علي حسن سان بدفعلي ڪئي ۽ ڪيس بليڪ ميل ڪندو رهيو: غلام مصطفي

جاچ ڪرائي اسان جي نوجوانن تي داخل اغوا جو ڪوڙو ڪيس ختم ڪري ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي: ڳالهيون

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) تعلقا اسپتال گولاڙچي جي ڊاڪٽر احمد کتي جي اغوا وارو معامرو نئون رخ اختيار ڪري ويو گولاڙچي جي رهواسي واپاري غلام مصطفي جتوئي گولاڙچي ٿاڻي تي ايف آئي آر داخل ڪرائي آهي ته سندس ننڍو ڀاءُ علي حسن جيڪو فرسٽ ايئر جو شاگرد آهي ۽ هن کي بواسير جي بيماري آهي جنهن سبب هن جي اڪثر طبيعت ٺيڪ نٿي رهي ۽ 18مئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

اوباوڙو ۾ هڪ ڏينهن پهريان نرلي مائينر ۾ ٻڏي فوت ٿيل نينگر جو لاش هٿ

اوباوڙو لاش ويهن ڪلاڪن جي ڳولا کان پوءِ نرلي مائينر مان هٿ آيو آهي: وارث

نرلي مائينر مان پاڻي گهٽ نه ٿيو جنهن ڪري پٽ جو لاش ويهن ڪلاڪن بعد مليو

اوباوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) اوباوڙو ۾ هڪ ڏينهن پهريان نرلي مائينر ۾ ٻڏي فوت ٿيل نينگر جو لاش ملي ويو اوباوڙو لاش ويهن ڪلاڪن جي ڳولا ڪان پوءِ نرلي مائينر مان هٽ آيو آهي : ڀاءُ خميسو اوباوڙو اسان سان اريگيشن انتظاميا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دنيا جو ٻيو نمبر ڏگهو شخص نصير سومرو ڦڦڙن جي عارضي سبب بيماري ۾ مبتلا

سرڪار سنڌس کا به واهر نه ڪئي آهي علاج نه ٿيڻ سبب هو گهمڻ ڦرڻ کان لاچار آهي

حڪومت ۽ سنڌ حڪومت نصير سومرو جي جو اعلاج ٻاهران ڪرائڻ جو بندوبست ڪري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جاڻو ۽ دنيا جو ٻيو نمبر ڏگهو شخص نصير سومرو گذريل 12 سالن کان ڦڦڙن جي عارضي سبب بيماري جي بستري تي پيل آهي سنڌ سرڪار سنڌس کا به واهر نه ڪئي آهي علاج نه ٿيڻ سبب هو گهمڻ ڦرڻ کان لاچار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي: دنيا جي ٻئي نمبر ڏگهي شخص نصير سومرو سان گورنر سنڌ ملاقات ڪري رهيو آهي

بدين ضلعي جو عوام دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهن: مظهر راهوجو

ماڻهو بدحال ٿي ويا آهن لاڙ پٽي سميت سنڌ جي تباهي جي ذميوار پ پ حڪومت آهي

ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي، پيپلزپارٽي اقتدار خاطر سدائين سنڌ جي حقن تي سودي بازي ڪئي

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو مرڪزي فنانس سيڪريٽري شوڪت ٿيبو ضلع صدر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊومحمدخان جي رهواسين پاران باثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

اشرف علي ملاح , دائود ملاح , مسمات ظهوران ملاح احتجاجي مظاهرو ڪيو

باثر قاتلاڻا حملا ڪرائي قتل ڪرڻ ۽ ڪيس ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي ٿو: مظاهرين

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان جي رهواسي اشرف علي ملاح , دائود ملاح , مسمات ظهوران ملاح مسمات خيرالنساء ملاح پريس ڪلب ٽنڊومحمدخان ۾ پريس ڪانفرنس ۽ احتجاجي مظاهرو ڪندي دائهيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي قتل ٿي ويل اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جو قتل ڪيس داخل

مقتول اظهر حسين جي ڀاءُ جي فرياد تي سالي ۽ سندس مڙس مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو

ڀاءُ جو لاش ايڌي سرد خاني جي حوالي ڪري جوابدارن پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي: ڀاءُ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي قتل ٿي ويل اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اظهر حسين جو قتل ڪيس ناظم آباد ٿاڻي تي داخل. مقتول جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

مليرِ: سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جو قتل ٿي ويل اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ۽ پاسي مقتول جي ايف آءِ آر

ڪنڌڪوٽ ۾ ليڊي ڊاڪٽر جي غير حاضري خلاف ڊي ايڇ او آفيس کان مظاهرو

علي حسن قمبراڻي سيد سردار علي شاهه محمد نواز سميجو جي اڳواڻي ۾ ريلي

ڪشمور ۾ 37 ليڊي ڊاڪٽر آهن جيڪي ڊيوٽي بجاءِ گهر ويٺي پگهار کڻن ٿا: مظاهرين

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ:غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف طرفان ضلعي ڪشمور ۾ ليڊي ڊاڪٽر جيڪي ڊيوٽي تي غير حاضر آهن ان عمل خلاف ڊي ايڇ او آفيس ڪنڌڪوٽ جي اڳيان ڌرڻو هڻي سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

شڪارپور پوليس پاران مبينا مقابلي بعد مغوي کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

پوليس جي ڪاروائي دوران ڏڍي جکري واري علائقي مان بازياب ڪرائي ورتو

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن ڪيو پيو وڃي: شڪارپور پوليس

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس پاران مغوي کي بازياب ڪرائڻ جي دعوي، جيڪب آباد ضلعي ٺل نظر واهه جي حد مان اغوا ٿيل معشوق علي ولد غلام شبير مارفاني کي پوليس جي ڪارروائي جي دوران ڏڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور: پوليس پاران پاران بازياب ڪرايل جيڪب آباد واسي ۾ جٿا ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

شيخ پرڪيو جي ڳوٺ علي داد مغل ۾ هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي

ڪئمپ ۾ مختلف بيمارين جي ڊاڪٽرن مريضن جو معائنو ڪري ٽيسٽون ڪيون ويون

منور علي مغل ڪئي ڪئمپ ۾ ماهر ڊاڪٽرن جنرل سيڪريٽري پي ايم اي ۽ ٻين جي شرڪت

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو جي ڳوٺ علي داد مغل ۾ پي ايم اي جي سهڪار سان هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي ڪئمپ ۾ مختلف بيمارين جي ڊاڪٽرن مريضن جو معائنو ڪري ٽيسٽون ڪيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

شهدادڪوٽ ۾ پي ايم اي جي سڏ تي ڊاڪٽر برڪت سيلرو مٿان حملي خلاف احتجاج

جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف پي ايم اي ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف پاران ريلي ڪڍي وئي

عبدالستار وڏي، ڊاڪٽر سيف الله کوسو، ڊاڪٽر امتياز احمد شيخ جي اڳواڻي ۾ مظاهرو

شهدادڪوٽ (د ر) شهدادڪوٽ ۾ پي ايم اي جي سڏ تي ڊاڪٽر برڪت سيلرو مٿان حملو ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف پي ايم اي ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف پاران تعلقه اسپتال ۾ ٽوڪن هڙتال ڪري ٻانهن ۾ ڪارڻ پٽيون ٻڌي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز سرجن ڊاڪٽر جي ڪوشش سان 1122 ايمبولنس سروس جو آغاز ٿي ويو

هڪ ريسڪيو ايمبولنس سول اسپتال پهتي جنهن جي چارج سعيد احمد جلباڻي ورتي

عوام لاءِ خوشي جو ڏينهن آهي ريسڪيو ايمبولنس سروس شروع ٿي چڪي آهي: سعيد احمد

نوشهروفيروز(منظور ملڪ) سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي ڪوشش سان ضلعي جي عوام لاءِ سرڪاري سطح تي 1122 ريسڪيو ايمبولنس سروس جو آغاز ٿي ويو ۽ سول اسپتال لاءِ 10 ايمبولنس واري اعلان تي عمل شروع ٿي ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز: سول اسپتال ۾ ريسڪيو 1122 ايمبولنس جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ سيتا سرجڻهار فورم پاران روهڙي ڪان ڪوٽڙي واي لاڙڪاڻو ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج

مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سيتا روڊ ريلوي ڦاٽڪ تي. 137 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

غلام مصطفي سمون، شهزاد علي ميمڻ، احسان علي سومرو، امجد علي ڪوسو، محمد صادق شريڪ ٿيا

سمورن ريلوي اسٽيشنن تي عوام کي مليل سستو ۽ معياري سفر جي سهولت کسي وئي آهي: مظاهرين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيتا سرجڻهار فورم پاران روهڙي کان ڪوٽڙي واي لاڙڪاڻو دادو ٽريڪ تي مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سيتا روڊ ريلوي ڦاٽڪ تي 137 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو: سيتا سرجڻهار فورم پاران ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شڪارپور ميونسپل چيئرمين فياض محمود شيخ کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري

شڪارپور (د ر) نامزد ڪيل ميونسپل چيئرمين فياض محمود شيخ کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري. خبر موجب پاڪستان پيپلزپارٽي پاران ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور لاءِ نامزد ڪيل چيئرمين فياض محمود شيخ کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي. ان سلسلي ۾ گذريل ڏهاڙي ماءِ شڪارپور جي ايڊمن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

شهدادڪوٽ ۾ سماجي تنظيم پاران ماحوليات جو ڏينهن ملهائي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

آڪسفيم جي تعاون سان شهدادڪوٽ ويجهو ڳوٺ ميرڻ ماڇي ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

ايل ايڇ ڊي پي جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر مولا بخش ، يوسي ڪبڙ جي چيئرمين غلام شبير شريڪ

شهدادڪوٽ (د ر) شهدادڪوٽ ۾ سماجي تنظيم پاران ماحوليات جو ڏينهن ملهائي هونا پرڪي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي. شهدادڪوٽ ۾ سماجي تنظيم ايل ايڇ ڊي پي پاران آڪسفيم جي تعاون سان شهدادڪوٽ ويجهو ڳوٺ ميرڻ ماڇي ۾ تقريب منعقد ڪري ماحوليات جو ڏهاڙو ملهايو ويو تقريب ۾ يوسي ڪبڙ جي چيئرمين، ڪائونسلرن مردن ۽ عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ايپڪا ٺٽي پاران ڪلرڪس برادري جا جائز مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ احتجاج جون تياريون

8 جن تي ڪراچي پريس ڪلب اڳيان ڌنل احتجاج کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ دعوتون ڏنيون ويون

نائب صدر عبدالڪريم پاند ۽ ايپڪا ضلعي ٺٽي جي صدر حاجي اشرف خشڪ جي نگراني ۾ دورا

نوڪريون ڏيئي گروپ انشورنس بوقت رٽائرمينٽ ادا ڪري فوتي ڪوٽا پاليسي تبديل ڪئي وڃي: اڳواڻ

ٺٽو(د ر) ايپڪا سنڌ ضلعي ٺٽي پاران ڪلرڪس برادري جا جائز مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ اڄ ڪراچي پريس ڪلب اڳيان رکيل احتجاج ۾ پوري سنڌ جيان ضلعي ٺٽي مان ۽ ايپڪا اڳواڻن جا قافلا ايپڪا سنڌ جي نائب صدر عبدالڪريم پاند ۽ ايپڪا ضلعي ٺٽي جي صدر حاجي اشرف خشڪ جي نگراني ۾ ڪراچي طرف روان دوان آهن. ان کان اڳ ايپڪا اڳواڻن پاران DHO هيلٿ آفيس مڪلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽو: اپڪا پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڌڪوٽ گهوٽڪي ملاڻ وارو پل جو ڪم سچل ڪمپني پاران سامان روانو

غوٺبور (عبدالنبي ملڪ) غوٺبور. ڪنڌڪوٽ گهوٽڪي کي ملاڻ وارو پل جو تعميراتي ڪم سچل ڪمپني پاران مڪمل طور تي بند ڪري سچل ڪمپني جي مشينري ۽ ٻيو سامان به واپس روانو ڪيو ويو آهي رابطو ڪرڻ تي سچل ڪمپني جي ڪنسلٽنٽ اڪرم پيو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو آهي ته 12 ڏينهن اڳ هٿيار بندن سچل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ايف ايف سي انتظاميا ميرپور ماٿيلو جو ساراهه جوڳو قدم، عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ڪئمپ

ريزيڊنٽ مينجر برگيڊيئر محمد سليم چيما جي ذاتي ڪاوشن سان ڳوٺ ڏنو ماڪو ۾ ڪئمپ لڳي

هيپاٽائٽس سي سميت مختلف بيمارين لاءِ مفت طبي ميڊيڪل ڪئمپ قائم ،دوائون فراهم ڪيون ويون

بي هيپاٽائٽس سي سميت مختلف بيمارين جي لاءِ مفت طبي جنرل ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ايف ايف سي انتظاميا ميرپور ماٿيلو جو ساراهه جوڳو قدم گهوٽڪي ضلعي جي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جو سلسلو جاري ايف ايف سي انتظاميا جي ريزيڊنٽ مينجر برگيڊيئر محمد سليم چيما جي ذاتي ڪاوشن سان ڳوٺ ڏنو ماڪو ۾ ڪاري ڪامڻ هيپاٽائٽس بي ، هيپاٽائٽس سي سميت مختلف بيمارين لاءِ مفت طبي ميڊيڪل ڪئمپ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ايشيا جي وڏي مال پڙي ڪراچي ۾ اعليٰ نسل جي جانورن جي آمد جو سلسلو جاري

پڙي ۾ پاڪستان جي چئني صوبن کان اعليٰ نسل جا جانور مال پيڙي ۾ آندا ويا آهن

مال پيڙي اسين ڪراچي جي نادرن بائي پاس تي لڳي سيڪورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا

مال پڙي ۾ اينڊڙ ويندڙ هر ماڻهون تي مانيٽرنگ سسٽم سان نظر رکيل آهي: ترجمان ياور چاولا

ڪراچي (رپورٽر) ايشيا جي وڏي ۾ وڏي مال پيڙي ڪراچي ۾ لڳي وي هزارين جي تعداد ۾ اعليٰ نسل جي جانورن جي آمد جو سلسلو جاري آهي سيڪورٽي جا ٻڻ سخت انتظام ڪيا ويا آهن رپورٽ موجب ايشيا جي وڏي ۾ وڏي مال پيڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪراچي: ايشيا جي سڀ کان وڏي جانورن جي پڙي جو ڏيک

ايس ٽي پي ضلعي سانگهڙ جو ورڪر ڪنويشن، ڪارڪنن پاران شموليت

سانگهڙ (رپورٽر) ايس ٽي پي ضلعي سانگهڙ جو ورڪر ڪنويشن مرڪزي اڳواڻ حيدر شاهاڻي جي صدارت هيٺ سانگهڙ ۾ ٿيو ڪنويشن ۾ مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر سومار منگريو، هوت خان گاڏهي، عاشق سولنگي، ضلعي صدر علي ڏنو خاصخيلي، شاهنواز نائچ، جبار جوڻيجو، علي جڙيو مگسي،نظير لغاري، ممتاز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ينگ جرنلسٽس فورم ڏهرڪي ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جي چيئرمين جي سالگرهه ملهائي وئي

ينگ جرنلسٽس فورم جي صدر عبدالله بخش راڄڙي، سينيئر نائب صدر شهريار ۽ ٻين پاران شرڪت

سنجي شيرا ڪا جنرل سيڪريٽري عقيل احمد ڪانجون. آفيس سيڪريٽري وسيم علي ملڪ شريڪ ٿيا

امرلال عرشي، سورج جيسواڻي، وجي ڪمار، سورج جئپال، مڪيش ڪمار، بادل رام عرشي ٻين شرڪت ڪئي

گهرڪي (لالچند موٽواڻي) ڏهرڪي ينگ جرنلسٽس فورم ڏهرڪي ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جي چيئرمين لال چند موٽواڻي جي سالگرهه جي تقريب سنڌس جي رهائش گاهه تي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڏهرڪي ينگ جرنلسٽس فورم جي صدر عبدالله بخش راڄڙي، سينيئر نائب صدر شهريار مهر نائب صدر سنجي شيرا ڪا جنرل سيڪريٽري عقيل احمد ڪانجون، آفيس سيڪريٽري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

حيسڪو ڪنسٽرڪشن سب ڊويزن ٺٽو ۾ ننڍن ملازمن سان زيادتين تي ٽيم پهتي

عبدالطيف نظاماني پاران جوڙيل انڪوائري ٽيم جي اڳواڻن پاران بيان قلمبند ڪيا ويا

غلام قادر ميربحر، نورالدين بروهي، ظهرو بروهي، غلام محمد ڏاهري، شهزاد، وليد شريڪ

فرنيچر ٽوڙي پاڻي جي سهوليت موجود ناهي نه ئي ڪو مالهي ٽوڙي صفائي لاءِ ملازم رکيل آهي:اڳواڻ

ٺٽو(د ر) حيسڪو ڪنسٽرڪشن سب ڊويزن ٺٽو ۾ ننڍن ملازمن سان حيسڪو عملدارن جون زيادتيون وڌڻ بعد ننڍن ملازمن پاران يونين جي چيئرمين عبدالطيف نظاماني کي موڪليل شڪايتن جي نتيجي ۾ عبدالطيف نظاماني پاران جوڙيل انڪوائري ٽيم جي اڳواڻن ڊويزنل چيئرمين ڪنسٽرڪشن ٽو علي اصغر آريجو، زونل چيئرمين PDڪنسٽرڪشن حافظ عبدالڪريم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٽو: حيسڪو اڳواڻ عبداللطيف نظاماني عهديدارن سان گڏ بيٺل آهي

ضلعي ڪائونسل لاڙڪاڻي جي عورتن جي مخصوص سيٽ تي ڪرن منظور حلف کنيو

ڏهرڪي(رپورٽر) ضلعي ڪائونسل لاڙڪاڻي جي عورتن جي مخصوص سيٽ تي ايڊووڪيٽ ڪرن منظور ميراڻي حلف کڻي ورتو ان موقعي تي ضلعي ميمبر ايڊووڪيٽ ڪرن منظور ميراڻي، پ پ اڳواڻ منظور ميراڻي، متصود احمد ميراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايم پي اي سهيل انور سيال، ايم پي اي حزب خان پگهيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو ۾ زرعي زمين تي قبضي خلاف ٻبر برادري ۽ سماجي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو

سماجي اڳواڻن گڏيل طور تي غلام نبي ٻبر، ڊاڪٽر عبدالجبار ٻبر، معشوق ٻبر مظاهرو ڪيو

روينيو عملدارن جي ملي ڀڳت سان اسان جي زرعي زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: الزام

قبضو ختم ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ قبضه مافيه خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي: ڳالهيون

دادو(سنڌيار) دادو ۾ زرعي زمين تي قبضي خلاف ٻبر برادري ۽ سماجي اڳواڻن گڏيل طور تي غلام نبي ٻبر، ڊاڪٽر عبدالجبار ٻبر، معشوق ٻبر، فاروق جتوئي، راشد عمراڻي، شيراز لغاري، خادم حسين ۽ ٻين دادو پريس ڪلب اڳيان ٻاٿر قبضه مافيه خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هٿا مظاهرين جو چوڻ هو ته روينيو عملدارن جي ملي ڀڳت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمعو 09 جون 2023ع

گداگريءَ ۽ محتاجيءَ واري نفسيات جوڙيندڙ پاليسيون

هن ملڪ جي تاريخ گواهه آهي ته، هر دور ۾ نه وفاقي حڪومت وٽ ۽ نه ئي صوبائي حڪومتن وٽ عوام جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي ڪا رٿابندي ۽ نه ئي وري ڪو اهڙو تدبر ۽ سنجيدگي ئي نظر اچي ٿي. جتي حڪمرانن جي هٿ ۾ ڪشڪول آهي، اتي انهن عوام ۾ به مختلف پاليسين ۽ پروگرامن ذريعي گداگريءَ واري يا ٻين تي پاڙڻ واري نفسيات جوڙڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي آهي. اهو سڀ ڪجهه توڙي جو "غريبن جي مدد" جي نالي ۾ ٿي رهيو آهي پر ان بدران جٽادار ترقيءَ لاءِ بهتر پاليسيون جوڙجن ها ته گهڻي تبديلي ممڪن هئي. اهڙي ئي هڪ تازي 'حاتم طائي' واري ڪوشش سنڌ حڪومت جي به سامهون آئي آهي. حڪومت سنڌ جي 8 ضلعن ۾ غريب ۽ بيواهه عورتن کي ٻڪريون ۽ ڳائو مال ڏيڻ وارو هڪ ارب، 80 ڪروڙ رپين جي ماليت جو پروگرام شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پهرئين مرحلي ۾ رڳو 8 ضلعن جي 4 هزار بيواهن ۽ غريب عورتن کي گذر سفر لاءِ ٻڪريون ۽ ڳئون ڏيڻ واري منصوبي لاءِ نئين مالي سال 24_2023ع ۾ هڪ ارب، 80 ڪروڙ رپيا مختص ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. هر ضلعي ۾ 500 بيواهون ۽ غريب عورتون انهيءَ پروگرام ۾ شامل ڪيون وينديون، مستحق بيواهن ۽ غريب عورتن جي چونڊ لاءِ مختلف اين جي اوز کان سروي ڪرائي ويندي، جنهن ڪانپوءِ عورتن کي ٻڪريون ۽ ڳائو مال ڏنو ويندو.

ميان نواز شريف جي دور ۾ بيروزگاري گهٽ ڪرڻ لاءِ 'ييلي ٽيڪسي' اسڪيم شروع ڪئي وئي. توڙي جو خيال بهتر هو پر رٿابندي ۽ قاعدن تي عمل نه ٿيڻ جي ڪري هزارين گاڏيون ڪوڙن دستاويزن تي ڏنيون ويون، جيڪي افغانستان پهچي ويون، بينڪ جا ترا نڪري ويا ۽ اها اسڪيم ناڪام ٿي. عمران خان پنهنجي دور ۾ ڪڪڙيون پالي آنا وڪڻي خوشحال ٿيڻ ۽ مينهون پالڻ جي معاشي ٿيوري آڻي خلق کلائي. پ پ پ وري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي نالي سان عورتن جي مالي سهائتا جو پروگرام شروع ڪيو، جنهن وڏي حياتي ماڻي آهي ۽ اڄان تائين هلندڙ آهي. هاڻي وري 'غريب ۽ بيواهه' عورتن کي گذر سفر لاءِ هڪ ارب، 80 ڪروڙ رپين جي ماليت جون ٻڪريون ۽ ڳئون ڏيڻ جو پروگرام جوڙيو ويو آهي. اسان ان ڳالهه تي به بحث نٿا ڪريون ته انهن عورتن جي چونڊ لاءِ جيڪا سروي ٿيندي، اها ڪيتري شفاف هوندي، انهن ۾ مستحق عورتن جو تعداد ڪيترو هوندو ۽ ان پراجيڪٽ ۾ ڪرپشن جا ڪيترا امڪان آهن. اسان ته صرف اهو ٿا چئون ته عورتن کي پاڻ ڀرو ڪرڻ ۽ معاشي طرح پنهنجن پيرن تي بيهارڻ لاءِ جٽادار پاليسيون جوڙيون وڃن. مختلف مالي سهائتا وارن پروگرامن جي مد ۾ خرچ ٿيندڙ رقم مان سڄي سنڌ ۾ عورتن جي هنري سکيا جا مرڪز جوڙي عورتن کي تربيت ڏيارجي ۽ هنري مرڪز قائم ڪجن ۽ اتي تيار ٿيل پراڊڪٽس لاءِ عورتن کي مارڪيٽ تائين رسائي ڏجي. بنگلاديش ۾ هزارين عورتون گارمينٽ فيڪٽرين ۾ ڪم ڪن ٿيون، جيڪي معاشي طرح بهتر حالت ۾ آهن. هتي ڪو اهڙو صنعتي انفرا اسٽرڪچر ننڍن شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ نٿو لڳي سگهي؟ اسان جي حڪمرانن وٽ گرامين بينڪ جي باني محمد يونس جي تدبر مان سکڻ لاءِ گهٽ ڪجهه آهي، جنهن 1983ع ۾ غريبن کي، خاص طور تي عورتن کي قرض ڏيڻ لاءِ بينڪ جوڙي ۽ مائيڪرو ڪريڊٽ ذريعي معاشي ۽ سماجي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري بنگلاديش ۾ وڏي تبديلي آندي. سندس خدمتن عيوض 2006ع ۾ کيس امن جو نوبل انعام ڏنو ويو.

افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته، اسان وٽ حڪمرانن جي عوامي خدمت جو مقصد صرف پنهنجي ووٽ بينڪ وڌائڻ تائين محدود آهي. انهن جون سموريون پاليسيون ايڊهاڪ بنيادن تي هونديون آهن. ان ڪري انهن پاليسين مان جٽادار معاشي ۽ سماجي ترقيءَ جي اميد ڪري نٿي سگهجي. اسان اها گهر ڪرڻ ۾ حق ۽ واجبي آهيون ته، سنڌ ۾ عورتن کي معاشي طرح پاڻ ڀرو ڪرڻ لاءِ مستقل بنيادن تي جٽادار معاشي پاليسيون جوڙيون وڃن، جن جو بنياد گداگريءَ ۽ محتاجيءَ واري نفسيات بدران خودداريءَ تي هجي.

روس-يوڪرين جنگ ۽ سڪرات ۾ ورتل امريڪي سامراج

طفيل مگسي

روس ۽ يوڪرين جي وچ ۾ جنگ کي اٽڪل پندرهن مهينا گذري چڪا آهن ليڪن ان جنگ جو ڪو چٽو فيصلو اڃا تائين ناهي ٿي سگهيو جڏهن ته ان جنگ جو ڪاڄ هزارين يوڪريني عوام ۽ فوجي بڻجي چڪا آهن. نه صرف اهو بلڪ ڪافي روسي فوجين کي به پنهنجيون زندگيون اربيٽيون پئجي چڪيون آهن. هن جنگ ۾ ڪيترائي فائٽر جهاز هيلي ڪاپٽر، ميزائيل، ٽينڪ وتوپ ۽ بارود پاڻ طور تي استعمال ڪيا ويا آهن. جنهن جو ڳاٽيتو ته في الحال مشڪل آهي. خابرون ادارن جي مطابق يوڪرين جي هٿيارن وارو گدام، محفوظ هٿيار ۽ ٻيئي جنگي سامان کان علاوه گهٽ ۾ وڌ 18 ارب ڊالرز جا سامان يوڪرين کي امريڪا ۽ ناٽو ملڪن کان علاوه اولهائين ملڪن کان به حاصل ٿي چڪا آهن. ان جي باوجود اهي سڀ جا سڀ فضول ثابت ٿيا ۽ روس هينئر به يوڪرين جي سرزمين تي داهو ڪيون پيو آهي ۽ اتي قيامت کان اڳ قيامت لڳي پئي آهي. ان بنياد تي جيڪڏهن اهو چيو وڃي ته ملڪ يوڪرين هن وقت مڪمل ريت ڍير جي صورت کان علاوه قبرستان ۾ تبديل ٿي چڪو آهي ته شايد غلط نه ٿيندو. هينئر سوال اهو پيدا ٿيئي ٿو ته ان تباهي ۽ قتلن جو ذميوار ڪير آهي. اول ۽ ناٽو جا ملڪ ان جو ذميوار روس کي سڏين ٿا. چاڪاڻ ته اڳي ئي ساڳيا لفظ سندن آقا جو بائيڊن جي زبان به نڪري رهيا آهن. جيڪڏهن انصاف پسندي کان ڪم ورتو وڃي ته ان جو مڪمل ذميوار امريڪا آهي. ۽ اهو ڪيئن؟ ان جي لاءِ اسان کي هڪ نيڪ نيتي سان مڪمل جائزي وٺڻ جي ضرورت پوي ٿي.

اهو هيئن ته جڏهن سوويت يونين وڪري ويو ته ان ڪانپوءِ امريڪا دنيا جو اڪيلو چوڌري بڻجي ويو ۽ ناٽو ملڪن کي گڏ ڪئي ڪري سموري دنيا کي پنهنجو غلام بنائڻ تي مجبور ڪندو رهيو انتها ته اها ٿي وئي هئي ته جنهن ملڪ به سندس ڪي آقا مڃن کان انڪاريت ڪئي ته ان تي مختلف قسم جون واپاري ۽ معاشي پابنديون مڙهيون ويون ۽ ان ريت ڪيترائي بيگناهه ملڪ معاشي ۽ اقتصادي طور تي تباهه وبرباد ٿي ويا. جن ملڪن امريڪا جي انهن مڙهيل پابندين جي اڳيان پنهنجو ڪنڌ نه جهڪايو ته انهن تي ٻي سبب هٿرادو جنگ مڙهي انهن جي انفراسٽڪچر بلڪل ئي تباهه وبرباد ڪيو ويو ۽ اتان جي حڪمرانن کي بيگناهه شهيد ڪيو ويو جنهن جو سڀ کان وڏو مثال عراق ۽ لبيا آهي. انهن جي جنگين ۾ امريڪا، ناٽو جي ملڪن کان علاوه اولهائين ملڪن کي به شامل ڪيائين. ذهن نشين رهي ته امريڪا ڪنهن به جنگ ۾ اڪيلو ناهي وڙهندو ۽ نه ئي جنگ جي لاءِ پنهنجي سرزمين استعمال ڪندو آهي بلڪ هن سدائين جيڪا به جنگ وڙهي آهي ان ۾ چالاڪ شاطر لومڙي جيان ٻين جي سرزمين تي وڙهي آهي ته جيئن هن کي ڪوجاني نقصان نه ٿيئي يا هن جي ملڪ اندر تباهي نه ٿيئي. جيڪڏهن امريڪا جي جنگي تاريخ جو منصفاڻو جائزو ورتو وڃي ته اهوئي نتيجو نڪرندو. هتي ڏنو وڃي ته پرل هاربر کان علاوه ڪهڙا جنگي واقعا امريڪا جي سرزمين تي ٿيا.

هينئر جيڪا روس ۽ يوڪرين جي وچ ۾ جنگ جاري آهي. ان کي روس ۽ يوڪرين جي وچ ۾ جنگ چوڻ حقيقتن تي پردو پچهڻ جي برابر ٿيندو. چاڪاڻ ته امريڪا پنهنجي عالمي چوڌرائپ جي تحفظ جي لاءِ يوڪرين جي سرزمين کي جنگ جي ميدان ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ليڪن ان جنگ کي ڇيڙي نادان امريڪا حقيقت ۾ پنهنجي زندگي جي سڀ کان وڏي ۽ فاش غلطي ڪئي آهي. پر جيڪڏهن اها جنگ نه ٿيئي ها ته امريڪا جو دنيا جي چوڌري هئڻ جو ڀرم رهي ها ۽ اڄ جيڪي ننڍڙا ننڍڙا ملڪ به هن کي اکيون ڏيکارڻ تي راضي آهن. گهٽ ۾ گهٽ انهن کي اهڙي همت نه ٿيئي ها. امريڪا هڪ سازش جي تحت يوڪرين کي بلڪل تباهه وبرباد ڪري ڇڏيو ليڪن يوڪرين جو بيوقوف صدر ان جي فهم کان ٻي خبر رهيو ۽ پنهنجي ئي وطن عزيز کي پنهنجي ناداني ۽ پنهنجي تحفظ جي نالي تي ڍير ۾ تبديل ڪرائي ڇڏيو يوڪرين جي چئن صوبن تي روس بلڪل ئي قابض ٿي چڪو آهي. هينئر به ڏينهن اڳ باخموت يوڪرين جي هٿن کان نڪري ويو ۽ هاڻي گادي جي هنڌ ڪيف جو وارو آهي. جنگ هلندڙ آهي ۽ اهو به اٽڪل کنڊر ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. حالانڪ ان کي محفوظ رکڻ جي لاءِ امريڪا ۽ ناٽو ملڪن نهن چوٽي جو زور ڏنو هن جي ويجهو پولينڊ ۾ امريڪا نڪولائي بامبر جهاز ڪڙو ڪري ڇڏيو پنهنجي ايئر ڊفينس سسٽم کي پڻ فٽ ڪيو ليڪن پوءِ به اهي سڀ روس جي حملي کي روڪڻ ۾ ناڪام ويا ۽ روس ڪيف ۾ ميزائيلن ۽ مختلف بمن جي برسات وسائي ڇڏي. مجبورن ڪيف جي رهواسين کي ڪوشيلز ۾ پناهه وٺڻي پئي.

اصل ۾ امريڪا اهو چاهي ٿي نٿو ته ان جاري جنگ ۾ پابندي لڳي. ان جي لاءِ جڏهن به يوڪرين وٽ هٿيار ختم ٿيڻ وارو ٿيئي ٿو ته هو هن کي ڪجهه جنگي سامان پاڻ به ميسر ڪري ٿو ۽ ناٽو ملڪن کان به ولرائي ڏيئي ٿو. تڏهن اهو بيوقوف صدر پنهنجو پاڻ کي ملا سمجهي ڪري اهو اعلان ڪري ڇڏي ٿو ته اسان روس کي شڪست ڏيڻ وڃي رهيا آهيون. يوڪرين جي سرحد جي ويجهو روس جي بلگردو تي حملو ڪري پڏي ٿو جنهن کان روس جي صدر پيوٽن جي ڪاوڙ ست طبقن تي پهچي وڃي ٿي. پوءِ جيڪا چماٽ زيلنيسڪي جي منهن تي پئي ٿي اها تاريخي حيثيت اختيار ڪري وڃي ٿي. يعني روس جو قهر يوڪرين جي ڪنهن نئين شهر تي نازل ٿي وڃي ٿو ۽ اهو شهر ڏسندي ئي ڏسندي مٽي جو ڍير بڻجي وڃي ٿو.

هينئر ائين لڳي ٿو ته زيلنيسڪي جي دماغ تي خوف ڇانيل آهي. هن بنا ڪنهن سوچ وسمجهه جي روس جي ڏهن شهرن تي پنهنجي خريد ڪيل روسي غلامن کان حملو ڪرائي ڇڏيو ليڪن نعد ۾ اهي 75 غلام مارجي پڻ ويا. ان ڪانپوءِ ڇا ٿيو ته پيوٽن 500_500 ڪلو جا بم وسائي ڇڏيا. جنهن کان جيڪي برباديون ٿيون سي ٿيون. پر ڪنهن بم يا ميزائيل ۾ نوڪليائي مادي جو استعمال ٿيو آهي. چوته ڪيف ۽ باخموت علائقن ۾ ريڊيئيشن جو اثر ملي ٿو ۽ ريڊيئيشن کان ناٽو ملڪن ۾ هڪ دهشت جو عالم ڇانيل آهي ۽ ڪنهن حد تائين امريڪا به ڪافي پريشان ڏيک ڏئي رهيو آهي. ۽ ان پريشاني جو خاص سبب اهو آهي ته پيوٽن ڪافي ڀيرا اهو بيان ڏئي چڪو آهي ته جيڪڏهن روس ناهي ته دنيا ناهي. جيڪڏهن منهنجي ملڪ کي خطرو محسوس ٿيو ته تڏهن مان نوڪليائي حملي ۾ تر جيتري به دير نه ڪندس. موجوده صورتحال منجهان لڳي ٿو ته يوڪرين کان علاوه ٿي سگهي ته پولينڊ ۽ انگلينڊ به وڪڙ ۾ اچي سگهن ٿا. ان ڪانسواءِ امريڪا ۾ به هڪ دهشت جو عالم ڇانيل آهي ڇا يوڪرين جي صدر زيلنيسڪي جو دماغ فهم وشعور کان بلڪل خالي ٿي چڪو آهي. ماضي جي ڳالهه ڇڏيو ويجهڙائي وارن ڏهاڙن ۾ جنهن قسم جو جنگي سامان امريڪا ۽ ناٽو ملڪ يوڪرين کي امداد طور تي ڏئي رهيا آهن. ڇا انهن هٿيارن سان روس جهڙي سپر طاقت کي شڪست ڏئي سگهجي ٿي. ڪجهه هٿيار ته پراڻا هئڻ جي ڪري استعمال کان اڳ ئي ناڪام ٿي چڪا هئا. ۽ ڪجهه روس جي جديد ٽيڪنڪ ۽ جنگي سامان جي سامهون ڪسي ٿي ويا. ايستائين ته ايئر ڊيفينس سسٽم به يا ته روسي ميزائيل روڪڻ يا ماري ڪيرائڻ ۾ ناڪام ٿيا يا وري روس جي جديد ميزائلن ان کي ناڪام وبرباد ڪري ڇڏيو هينئر يوڪرين. امريڪا ۽ ناٽو ملڪن کان ايف 16 جهاز طلب ڪري رهيو آهي. اهو پنجن نسلن جو جديد اسٽيٽ جهاز آهي ۽ ريڊار جي وڪڙ ۾ نٿو اچي. جيتوڻيڪ روس جو چوڻ آهي ته مون به ان کي تباهه ڪرڻ جو بندوبست ڪري رکيو آهي. زيلنيسڪي جي گهڻي دٻاءَ تي امريڪا ۽ ناٽو ملڪان شرط تي ايف 16 يوڪرين کي ڏيڻ جي لاءِ تيار آهن ته ان جهاز سان روس جي سرحد جي اندر حملو نه ڪيو ويندو. جنهن کان صاف چٽو ٿيئي ٿو ته امريڪا ۽ ناٽو ملڪ روس کان ڪنهن قدر خوفزده آهن. بيشڪ ايف 16 هڪ نهايت ئي ويڙهاڪ جهاز آهي. ليڪن امريڪا کي به ان ڳالهه جي ڄاڻ آهي ته روس وٽ ايس يو 35 اسي يو 57 به آهن. جيڪي امريڪا جي ايف 16 ۽ ايف 35 کان وڌيڪ مضبوط ۽ ڪامياب آهن. ان ڪري امريڪا ۽ ناٽو ملڪن کي اهو ڊپ آهي ته ڪٿي منهنجي جهاز کي ماري ڪيرايو نه وڃي. ٻي ڳالهه اها ته جيڪڏهن امريڪي جهاز کان روس جي داخلي ۾ حملو ڪري ٿو ته پوءِ اها يوڪرين روس جنگ کان تبديل ٿي ڪري روس امريڪا جنگ نه ٿي وڃي. جيڪڏهن واقعي ائين ٿيئي ٿو ته پوءِ نه ته امريڪي سرزمين بچي سگهي ٿي ۽ نه ئي امريڪا جو عوام محفوظ رهي سگهي ٿو پوءِ اتي جيڪا به تباهي وبربادي جي تاريخ لکي ويندي اها واقعي قيامت جهڙي ۽ عبرتناڪ ٿي هوندي. امريڪا کي اهوئي ڊپ سڌي جنگ کان روڪيون پيو آهي. ليڪن ٻڪر جي ماءَ ڪيستائين خيرت ملهائيندي. جيڪڏهن امريڪا ۽ ناٽو ملڪ يوڪرين کي مدد نه پهچائين ها ته اها جنگ ايتري ڊگهي نه ٿيئي ها. يوڪرين کي به ايتري تباهي جو منهن ڏسڻو نه پوي ها ۽ اڄ کان نهايت ئي اڳ ئي مفاهمت جي بنياد تي روس ۽ يوڪرين جنگ بندي جو معاهدو رهي ها.

ليڪن جيئن ته هن وقت خبرون هلي رهيون آهن ته امريڪا جا اٽڪل ويهه هزار فوجي يوڪرين جي فوج ۾ شامل آهن. جن منجهان 16 فوجي مارجي چڪا آهن. جن جا لاش امريڪا پهچي چڪا آهن. ان بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته هينئر ان جنگ ۾ امريڪا سڌي ريت ملوث ٿي چڪو آهي. مگر ان کي اعتراف ڪرڻ جي همت نٿي ٿيئي. جنهن کان سندس بزدلي صاف ڏيک ڏيئي ٿي. هن وقت اها به هڪ بنا ترديد جي حقيقت آهي ته ان جنگ جي رکڻ جي جيڪا ٿوري گهڻي اميد هئي اها به ختم ٿيندي ڏيک ڏيئي ٿي. اهي به خبرون اچي رهيون آهن ته روس جي ويهه لک فوج جنگ جي ميدان ۾ لهڻ جي اوسيئڙي ۾ آهي. هوئنئن به يوڪرين جي گادي واري هنڌ ڪيف کي روسي فوجيون گگهيرو ڪيون پيون آهن. توپ، ٽينڪ، ميزائيل ۽ هوائي جهازن کان هڪ ٿي وصت باهه جون برساتون وسي رهيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ جنگ بندي جو تيور ڪرڻ خواب ڏسڻ جي برابر ٿيندو يعني يوڪرين جون وڌيڪ برباديون ٿيڻ واريون آهن. پاسي ته يوڪرين جي باخموت ۾ ريڊيئيشن جو سلسلو جاري آهي ته ٻئي پاسي دنيا جو سڀ کان وڏو ري ايڪٽر يوڪرين جي شهر زيپوريا ۾ آهي. ان جا تارا به گردش ۾ ڏيک ڏئي رهيا آهن. جنهن جي باري ۾ يوڪريني صدر جو چوڻ آهي ته ان کي روس نقصان رسائي سگهي ٿو ته جيئن يورپ ۽ ناٽو ملڪ ان جي وڪڙ ۾ اچي ڪري برباد ٿي سگهن ته ٻئي پاسي روس جي صدر پيوٽن جو بيان آهي ته ان کي پاڻ يوڪريني فوج نقصان پهچائي سگهي ٿي ته جيئن ان جو ڪوڙو الزام روس تي هنيو وڃي. بهرحال جيڪڏهن ان ري ايڪٽر تي ڪنهن به صورتحال ۾ حملو ٿيو ته ان جي قيامت خيزي جو اندازو نٿو هڻي سگهجي. جيتوڻيڪ انسان ۽ انسانيت جي لاءِ اهو ڪيترو ڪارو ڏينهن هوندو جنهن جي باري ۾ ڪجهه به نٿو چئي سگهجي.

مختصر اهو ته روس ۽ يوڪرين جي وچ ۾ موت مار جنگ ٿي نه بلڪ قيامت جهڙي جنگ صرف يوڪرين روس جي وچ ۾ نه رهي ڪري امريڪا ۽ روس جي وچ ۾ ٿي چڪي آهي. هن جنگ ۾ امريڪا سان گڏ اٽڪل 80 ملڪ آهن. جن ۾ ٻين اولهائين ملڪن سان گڏ 30 ناٽو ملڪ به آهن. حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته جنگ جي شروعات ته روس يوڪرين جي وچ ۾ ٿي هئي. ناٽو ملڪ جنگ جي شروعات کان ئي جنگي سامان سان يوڪرين کي امداد ميسر ڪري رهيا آهن. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته يوڪرين هينئر تائين ناٽو ملڪن ۾ شامل ناهي. پوءِ ان ريت ڪلي عام يوڪرين جي امداد جو ڇا سبب ٿي سگهي ٿو هتي ذڪر جي لائق ڳالهه اها آهي ته يوڪرين ناٽو ۾ شموليت جي لاءِ امريڪا جي چوڻ تي روس جهڙي عالمي طاقتور ملڪ سان تباهه ڪندڙ جنگ ڇيڙي ڇڏي. ساڳئي ريت ناٽو هن وقت تائين يوڪرين کي ميمبرشپ جي منظوري ناهي ڏني. بيشڪ امريڪا يوڪرين کي جنگي سامان سان ته امداد پهچائي رهيو آهي. ليڪن ناٽو جي ميمبرشپ ڏيڻ کان لاچار آهي. جڏهن ته حقيقت اها به آهي ته اهو جڏهن ۽ جنهن وقت به چاهي ها يوڪرين کي ناٽو جي ميمبرشپ ڏئي سگهيو ها جنهن کان چٽو ٿيئي ٿو ته امريڪا جي دل ۾ ڪارهن آهي. هينئر جڏهن ته يوڪرين بلڪل تباهه وبرباد ٿي جري مٽيءَ جي ڍير ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. ۽ ايترن ملڪن جي باوجود روس کان اڪيلي شڪست کائڻ جي ڏڳ تي بيٺو آهي. ان بنياد تي اهو چوڻ غلط ٿيندو ته صرف يوڪرين نه بلڪ ٽوٽل 80 ملڪ روس کان شڪست کائي رهيا آهن. جنهن سان امريڪا بهادر جي سپر پاور واري دعوي ڪوڪلي ٿي چڪي آهي. ۽ هتي سڀ کان وڏي شڪست چوڌري جي ٿيندي ڏيک ڏيئي ٿي ۽ سندس هن وقت واري صورتحال سڪرات ۾ پيل ڪنهن فرد جي ڏيک ڏئي رهي آهي !!!

اَچا تو منجهان، ڪَڪَ ڇُتي رتُ نڪري!
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جَهلِيندي گهاءَ؟
سو تون ڪُڇاڙيا، سِڪَڻَ جون سَڏون ڪرين؟

سنڌ جو عظيم ڏاهو اڳواڻ، رسول بخش پليجو

اشفاق سومرو

ساري دنيا وانگي سنڌ به پنهنجي هنج مان ڪيترن ئي سائنسدان، فيلسوفن، اديبن، شاعرن، مقررن ۽ رهبري ڪندڙ عظيم انسانن کي جنم ڏنو آهي. اڄ برصغير جي عظيم دانشور، اديب، ناميارين مقرر، ترجمي نگار، تاريخدان، ناميارو وڪيل ۽ مدبر سياستدان رسول بخش پليجي جي پنجين ورسي ملهائي پئي وڃي. رسول بخش پليجو هڪ سنڌ پرست سياستدان، ادبي مطالعي جو عالم ۽ سنڌ ۾ وڏيرڪي جاگيرداري سوچ، هٺ ڌرمي ريتن رسمن ۽ من گهڙت قانونن خلاف هڪ باغي روح هو. ضلعي ٺٽي جي سرزمين تي 20 جنوري 1930ع تي مڊل ڪلاس گهراڻي ۾ جنم وٺندڙ هن ٻالڪ اڳتي هلي پنهنجي ذهني شمع سان علم، ادب، تاريخ ۽ ڏاهپ جي دنيا ۾ روشني پکيڙي. پنهنجي ذهانت ۽ عقلمندي سان ليڪچر ڏئي تقريرون ڪري تاريخ ۽ ادب جي شوقينن کي پنهنجو شاگرد ڪري مطالعي جو هڪ دؤر شروع ڪيو. پرائمري ۽ ٺٽي جي اسڪول کان پوءِ سنڌ مدرسة السلام ۾ قانون جي پڙهائي تائين سياست ۽ سماجيات سان چاهه رکندي زندگيءَ جي ڳنڀيرتا ۽ ڌرتي جي ڏکن دردن کي سمجهندي هڪ ضميرمند وڪيل، اڳواڻ، سياستدان جو زنبو ماٺي سنڌ کي جهالت، تعليمي ۽ صحت جي مسئلن سان گڏ ڌرتي کي اونداهي دؤر مان ڪڍي خوشحالي، امن ۽ ترقي يافته دؤر ۾ آڻڻ جو ٻڪو وچن ڪيو.

پاڻ ون يونٽ خلاف تحريڪن ۾ متحرڪ ڪردار ادا ڪري ايوب خان ۽ جنرل ضياءَ جي آمريتي دؤرن ۾ جمهوريت جو پرچم بلند ڪيو. رسول بخش پليجي سنڌي هئڻ جي ناتي سنڌ جي پاڻي جي ڪيس سان گڏ سنڌ جي مُڙني مسئلن ڌاري آبادڪاري، وسيلن جي ڦُرلُٽ، روزگارن جي اڻهوند، بک، جهالت ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف پهرين صَفَ ۾ بيهي جهدوجهد ڪئي.

مختلف وقتن تي سنڌي اديبن، شاعرن ۽ اڳواڻن مٿان رجعت پسندن، ادب دشمنن ۽ اسلام جي ٺاڳهي هيٺ بدسلوڪ ملن واويلا ڪندي ڪڏهن شيخ اياز جي شاعريءَ تي ۽ ڪڏهن سائين جي ايم سيد جي ڪتابن "پيغام لطيف" ۽ "جيئن ڏٺو آ مون" تي سخت تنقيدون ڪري ڪفر جون فتوائون ڏنيون ته ان وقت ٻين اديبن سان گڏ پليجي صاحب انهن کي جواب ڏيندي ڪيترائي مضمون لکي آواز بلند ڪري ملّيت کي ڇَپ ڪرائي ڇڏيو.

انهن ذاتي مفادن، مسئلن، مذهبي متيبد يا اسلام ۾ ڪفر ۽ مؤمن ٿيڻ واري فلسفي تان وڙهندي 73 سالن کان سنڌ اونداهيءَ دؤر ۾ لوڙهيندي اچي، هر سماج ۾ هر انسان جو پنهنجو سوچ مطابق نظريو هوندو آهي. مسلمانن ۾ ڪيترائي فلاسافي ۽ سائنسدان جابر بن حيان، المسعودي، عمر خيام ۽ الجزاري جهڙا انسان اڄ به تاريخ ۾ صرف پنهنجي ڪردار جي ڪري زنده آهن چو ته تاريخ تنقيد ۽ حسد کي نه پر ڪردار ۽ جهدوجهد کي لکي ٿي. عظيم انقلابي ليڊر چي گويرا، فيدل ڪاسٽرو، ڪامريڊ لينن، ڪارل مارڪس، هوچي منهه ۽ گانڌي جي جهڙا اڳواڻ صرف پنهنجي سوچ جي ڪري قومن جا رهبر بڻيا. ڪجهه بهتر ڪرڻ چاهيو ٿا ته پاڻ کي ماضيءَ جون سڀ غلطيون وساري قوم کي مستقبل روشن ڏيڻ لاءِ ذاتي تنقيد ۽ پارٽي فرقن کان اڳتي جهدوجهد ڪرڻي پوندي. رسول بخش پليجي ڪڏهن به ڪنهن سان ذاتي مفادن وارا اختلاف نه رکيا. اڄ اسان جي جيئي سنڌ وارن دوستن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته پليجي ۽ سائين جي ايم سيد جو اختلاف نظرياتي ۽ فڪر جي ڪري هو ۽ سياسي اختلاف هرجاءِ تي هوندا آهن انهن کي ذاتي نوعيت تي نه آندو وڃي. پليجي صاحب جي جهدوجهد مسلسل سنڌ جي جمهوريت ۽ حق جي باري ۾ هئي هو صرف سائين جي آزاديءَ واري نقطي تي اختلاف رکندو هو جيڪڏهن حقيقت جي نظر سان ڏٺو وڃي ته سائين جي ايم سيد جي فڪر ۾ آزاديءَ سان گڏ سيڪيولرزم، عدم تشدد، خودمختياري، تعليمي ۽ سنڌ جي ترقيءَ وارا نظام به شامل آهن. سائين جي ايم سيد هڪ سوشلسٽ ليڊر هو. سائين جو ٻهريون قدر ڦور جي بهتري، خوشحالي ۽ ترقي يافته نظام هئا. اهڙي طرح رسول بخش پليجي به پنهنجي زندگيءَ جي نظريي ۽ فڪر کي سنڌ جي بهتري، خوشحالي، ۽ قومي سڌارن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. قانون جي ڦهري ۽ مارشلا جي دؤرن ۾ حق گهرڻ منع هوا انهن دؤرن ۾ هن انسان تحريڪون هلائي جهدوجهد ڪئي وقت جي آمرن جي خاتمي لاءِ. پليجي صاحب جي محنت سان عام ڳوٺاڻن مطالعي کي پنهنجو زيور بڻائي حياتي جي ڳچيءَ ۾ پاتو. اسان کي قومي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وقت جا سڀ ويڇا وساري هڪ ٿيڻو پوندو. رسول بخش پليجو هڪ تحريڪ جي سربراهه سان گڏ هزارين دلين جو روحاني استاد هو هن پنهنجي ساري حياتيءَ لطيف سائين جي فڪري مطالعي، جذبي ۽ وات تي هلندي گذاري هئي. هن دنيا جي عظيم انقلابين جي نظريي کي ڏسي سوچي سمجهي قبول ڪيو. رسول بخش پليجي سدائين جاگيردارن، وڏيراشاهي، سرمائيداري خلاف احتجاجي جُلوس ۽ ڌرڻا هڻي پنهنجي قوم جي محروم حقن جي حاصلات لاءِ هڪ شڪمل تحريڪ ۽ شاندار جهدوجهد ڪئي. هن سنڌ جي جهرجهنگ ۾ پنهنجي شعوري جڻنگ باري مارڪسزم، لينن ازم جهڙا نظريا ۽ اصول متعارف ڪرايا.

فڪرِ پليجي سان ساري سنڌ ۾ نوجوانن جي ادبي، اخلاقي، فڪري، سماجي ۽ شعوري تربيت ڪئي هئي نتيجي ۾ سنڌ جا ڪولهي ۽ ڀيل ڌراوڙ قانون جي ڏڱرين جا محافظ بڻيا. هن ليڊر پنهنجي گهري مطالعي ۽ رهبري اڳواڻي جي ڪري مختلف وقتن تي جيل جي اذيت خانن ۾ درد ڏک سور تڪليفون ۽ مشڪلاتون سهندو رهيو. هن ليکڪ ۽ مقرر ڪيترائي ئي ڪتاب سنڌي ادب جي جهول ۾ وجهي حسد ساڙ کي رد ڪري محنت، تعليم ۽ نظريي تي خوب لکيو هو ان جي ڪتابن ۾ سنڌ جي مارئڙن جون دانهون ڪوڪون سڀ سامراجيت کان پنهنجا حق گهرندڙ رهن ٿيون.

هن عظيم انسان پنهنجي فڪر ۽ جهدوجهد جي شروعات 5 مارچ 1970ع تي الڳ سنڌ عوامي تحريڪ جي نالي سان تنظيم ناهي ڪئي انهيءَ سان گڏ سنڌياڻي تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ، سجاڳ بار تحريڪ جهڙيون تنظيمون ناهي سنڌي قوم ۾ شعور پيدا ڪيو.

رسول بخش پليجي جهدوجهد ڪندي سنڌ جي پاڻي جي چوري خلاف، ڪالاباغ ڊيم خلاف، ٿل ڪئنال خلاف، ڌارين آبادڪاري خلاف ۽ ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپائڻ جي حمايت ۾ انقلابي ڪم ڪيا.

ڪُل نفس ذائقة موت واري سچي قول جي روايت هلندي هي لطيف شناس، سياسي سماجي ۽ فڪري شعور ڦهلائيندڙ اڻٿڪ انسان 88 سالن جي عمر ۾ 7 جون 2018ع تي موڪلائي ويو.

بقايا 01

طارق مصطفيٰ، ڊائريڪٽر پارڪس، جي ڊي سي جو باني ظفر عباس، سمير ناصر، سدره ناصر ۽ ٻيا به موجود هئا. ان موقعي تي گورنر چيو ته ڪراچي کي اڃا وڌيڪ سهڻو بڻايو ويندو پارڪن ۾ ٻين تفريحي هنڌن جو رنگ وڌائي رهيا آهيون ڪراچي کي اڃا وڌيڪ روشن ڪيو ويندو ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي سهڪار سان 100 هنڌن تي پليڪارڊ ڪراچي سائن آئي لو ڪراچي والز ناهيون وينديون تعليم صحت ۽ روزگار ڏيڻ لاءِ آئي ٽي سان گڏ. انجنيئرز کي وڌ ۾ وڌ سپورٽ ڪنداسين ڪريسنٽ آرٽ گئلري جي چيئرمين ناصر جاويد چيو ته شهر جي سونهن وڌائڻ لاءِ آرٽ ورڪ تي ڀرپور ڪم ڪري رهيا آهيون ٻين نون منصوبن تي به جلد ڪم ڪيو ويندو ممتاز آرٽسٽ چترا پريتم چيو ته ڪريسنٽ 15 سالن کان آرٽ جي ترقي لاءِ ڀرپور ڪم ڪري رهي آهي ڪراچي جي والز کي آرٽ ورڪس سان سهڻو بڻايو ويو آهي ان موقعي تي ڪريسنٽ جو سي اي او سمير ناصر، ڪريسنٽ جي باني سدره ناصر به موجود هئي جنهن کان پوءِ خاص مهمان گورنر کي آرٽ بوڪ پيش ڪيو ويو.

بقايا 02

ميمڻ چيو ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو جو عراق جو دورو انتهائي ڪامياب رهيو، ان ڪري عراقي حڪومت به ڪالهه اسيمبلي ۾ بل پاس ڪيو آهي. ملڪ جو سفارتي عملو به زائرين جي مدد لاءِ موجود هوندو. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ڪالهه ايف بي سي سي آءِ ۾ ملڪي صورتحال تي ڳالهائيندي عوام لاءِ آواز اٿاريو ۽ هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه چاهي ٿي ته عوام کي رليف ڏنو وڃي. صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو ته آصف علي زرداري ملڪ جي عوام لاءِ آواز اٿاريو ۽ واپارين جي تحفظ لاءِ به ڳالهايو هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿي. آصف علي زرداري کي جڏهن به موقعو مليو عوام جي خدمت ڪئي. 2013ع ۾ مهانگائي ناهي آئي پر افسوس جي ڳالهه آهي ته 3 سالن ۾ ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان آيو ملڪ قائم ڪيا ويا. هنن جو چوڻ آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين کي سياسي سمجهه نه هئي. هو طاقت جي زور تي اقتدار ۾ رهيو ۽ نوجوانن کي گمراهه ڪيو. خراب پاليسين ملڪي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو هن آءِ ايم ايف سان ڪيل واعدا پورا نه ڪيا ۽ معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو جيڪو سنگين ڏوهه آهي. سنڌ جي اطلاعات واري وزير چيو ته پاڪستان ۾ سياست ڪرڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي. پيپلز پارٽي هميشه چونڊن ذريعي اقتدار ۾ آئي. آصف علي زرداري کي جڏهن به موقعو مليو عوام جي خدمت ڪئي. ڪير به جلسي ۽ جلوس ۾ ملوث رهيو آهي. ڪيس قانون آڏو احتساب ڪرڻو پوندو. اپوزيشن ليڊر جون تنگيون ڏکي رهيون آهن. اسيمبلي ۾ ڪيس ڪجهه به نه هوندو، اپوزيشن ليڊر کي ريڊ ڪارپيٽ لڳايو ويندو.

بقايا 03

پارٽي" قائم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جهانگير ترين نئين سياسي جماعت جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته اڄ اسان هڪ نئين جماعت استحڪام پاڪستان پارٽي ناهي رهيا آهيون. سياست ۾ اچڻ جو هڪ ئي مقصد ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجو حصو وجهڻ آهي. مان روايتي سياستدان ناهيان. سياست ۾ دير سان آيس. هن چيو ته تحريڪ انصاف کي هڪ مضبوط سياسي قوت بڻائڻ ۾ رات ڏينهن محنت ڪئي. 2013 جي چونڊن ڪانپوءِ اسان پارٽي ۾ هڪ جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو. ايندڙ ڏينهن ۾ حقيقتون سامهون اچي وينديون ته پارٽي کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڇا ڇا ڪيو. پاڪستان ۾ سڌارا آڻڻ اسان جو بنيادي منشور هو. بدقسمتي سان ائين نه ٿي سگهيو سندس چوڻ هو ته 9 مئي جي واقعن پاڪستان جي سياست کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. منصوبي سازن کي انجام تي نه پهچايو ويو ته سياسي مخالفن جي گهرن تي حملا به جائز سمجهيا ويندا. ڪو به معاشرو ان جي اجازت نٿو ڏئي سگهي. جهانگير ترين چيو ته ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي. عوام جون اميدون دم توڙي ويون آهن. اسان گڏجي ملڪ کي ڏکيائين مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ چاهيون ٿا. اهڙي سياسي قيادت جي ضرورت آهي. جيڪا ملڪ کي اڳتي وٺي وڃي. هن چيو اسان جو جمهوري نظام تڏهن مضبوط ٿي سگهي ٿو جڏهن حڪومت ۽ اپوزيشن پنهنجي ذميوارين کي سمجهي ۽ عمل ڪري. ايندڙ ڏينهن ۾ اسان جي جماعت ۾ وڌيڪ ماڻهو شامل ٿيندا. پنهنجي ايجنڊا منظر تي آڻينداسين. چونڊن ۾ به اسان بهترين نتيجا ڏينداسين. پريس ڪانفرنس دوران عليم خان چيو ته موجوده صورتحال ۾ هر پاڪستاني پريشان آهي. اسان کي ملڪي حالتن تي ڳڻتي هئي. تنهن ڪري الڳ پارٽي ناهڻ جو فيصلو ڪيو. پنهنجي وڏي ڀاءُ جهانگير ترين جو ٿورائتو آهيان. جنهن اسان سڀني کي گڏ ڪيو. اسان سڀ گڏجي جهانگير ترين جي قيادت ۾ ان جدوجهد ۾ حصو وٺنداسين. هن چيو ته ڏڦيڙ جي سياست پاڪستان کي ڪوکلو ڪري ڇڏيو آهي. اسان کي ڏڦيڙ ختم ڪرڻو آهي. اهڙو مستحڪم پاڪستان بڻائڻو آهي. جنهن ۾ پارليامينٽ، عدليا ۽ اسٽيبلشمينٽ هڪ پيج تي هجن. ذريعن جو چوڻ آهي ته عمران اسماعيل، علي زيدي، فواد چوڌري، عامر ڪياڻي، محمود مولوي، جي پرڪاش، مراد راس ۽ فردوس عاشق اعوان نئين جماعت جو حصو هوندا. ذريعن موجب اڳوڻا آءِ جي ظهيرالدين عليزئي، جاويد انصاري، طارق عبدالله، فياض چوهان، نعمان لنگڙيال، نوريز شڪور، رفاقت علي گيلاني ۽ ممتاز مهروي به جماعت ۾ شامل هوندا. جڏهن ته فاٽا مان جي جي جمال ۽ ڪي پي مان اجمل وزير به پارٽي جو حصو آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته مهر ارشاد ڪاٺيا، عثمان اشرف، جليل شرقپوري، خرم روڪڙي ۽ ديوان عظمت به جهانگير ترين گروپ ۾ شموليت جو اعلان ڪري چڪا آهن.

بقايا 04

ڪيس ۾ جاچ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. ايڊووڪيٽ شوڪت عزيز صديقي ذريعي داخل ڪيل درخواست ۾ ارشد شريف جي والده موقف اختيار ڪيو آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين، فيصل واوڊا، سلمان اقبال، مراد سعيد ۽ عمران رياض کي به جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي. درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته ارشد شريف جي قتل بابت اهڙن سمورن ماڻهن کان شاهديون حاصل ڪيون وڃن. ارشد شريف جي والده گڏيل درخواست ۾ وڌيڪ چيو ته ڪيس جي حساسيت ۽ اهميت کي نظر ۾ رکندي سپريم ڪورٽ جي قدمن جي تعريف ڪريان ٿي. ارشد شريف جي والده چيو ته قتل جي جاچ پاڪستان ۾ ٿيندڙ سازش کان شروع ڪئي وڃي. ڪيترن ئي ماڻهن ارشد شريف جي قتل جي سازش جي باري ۾ خبر هجڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. هن چيو آهي ته فيڪٽ فائنڊنگ ڪميٽي جي رپورٽ ۾ نه ئي جي آءِ ٽي جي رپورٽ ڏني وئي آهي. سپريم ڪورٽ کان استدعا آهي ته جي آءِ ٽي جي سربراهه کي 5 ماڻهن کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جو حڪم ڏئي. ان سان گڏ ئي عدالت جي آءِ ٽي کي به رپورٽون ڏيڻ جو به حڪم ڏئي.

بقايا 05

حڪومت آءِ ايم ايف پروگرام جي بحالي لاءِ ڪئي. هن چيو ته پاڪستان جا ماڻهو بهادر آهن ۽ ماضي ۾ به ڏکيائين جو مقابلو ڪري چڪا آهن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسان پنهنجي پيرن تي بيهنداسين. پراميد آهيون ته آءِ ايم ايف سان معاملا سٺي طريقي سان طئي ٿيندا. آءِ ايم ايف سان معاهدي ۾ گهرجون ۽ شرط سٺي انداز ۾ پورا ڪنداسين. ملڪ کي فيٽف جي گري لسٽ مان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون. سندس چوڻ هو ته نومئي تي شرپسند عنصرن رياست جي رٽ کي چئلينج ڪيو. رياست خلاف سنگين قدمن جي رٿابندي جون پڪيون ثابتيون موجود آهن. شرپسند عنصرن ۽ قومي سجاڳيءَ کي مجروح ڪندڙن کي سخت سزا ڏني ويندي. وزيراعظم شهباز شريف وڌيڪ چيو ته تحريڪ انصاف چيئرمين خلاف سنگين ڪرپشن جا الزام آهن. گڏيل حڪومت چار سالن ۾ سڄي اپوزيشن کي انتقام جو نشانو بڻايو. ان باوجود ڪنهن سرڪاري ادارن تي حملو نه ڪيو.

بقايا 06

وياج ۽ قرضن جي ادائيگي جو خرچ 7 هزار ارب تائين پهچي چڪو آهي. روينيو اوڳاڙيءَ جو وڏو حصو وياج جي ادائيگي تي خرچ ٿي رهيو آهي. ملڪ کي جلد معاشي ترقيءَ جي ڏگ تي وجهڻ چاهيون ٿا هن چيو ته حڪومت پاڪستان جي معيشت کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي. ماضي جي غلط فيصلن سان معيشت کي نقصان پهتو

بقايا 07

جهانگير ترين جي استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ اهم عهدو ملڻ جو امڪان آهي. ٻئي طرف تحريڪ انصاف جي اڳوڻي اڳواڻ مسرت جمشيد چيمه جهانگير ترين سان ملاقات جي ترديد ڪندي چيو آهي ته منهنجي جهانگير ترين ۽ نه ئي ان گروپ جي ڪنهن اڳواڻ سان ملاقات ٿي آهي. مون سياست کان پاسيرو رهڻ جو اعلان ڪيو آهي. مسرت جمشيد چيمه چيو ته ڪنهن به پارٽي ۾ شامل نه ٿي آهيان نه ئي وري ٿيندس. جهانگير ترين سان ملاقات جي سالن جي پراڻي تصوير هلائي پئي وڃي. هوڏانهن پنجاب جي اڳوڻي گهرو وزير هاشم ڊوگر ڊيموڪريٽس گروپ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته پنجاب ۾ ڊيموڪريٽ گروپ ختم ٿي چڪو آهي سڀني دوستن جي مرضي سان پنهنجي مستقبل جي باري ۾ فيصلو ڪندس. هاشم ڊوگر چيو ته مان ڪنهن به پارٽي ۾ شامل نه ٿيندس. آخري وقت تائين پي ڊي ايم خلاف ئي سياست ڪندو رهندس. ياد رهي ته پنجاب جي اڳوڻي گهرو وزير هاشم ڊوگر تحريڪ انصاف ڇڏيندڙ ڪارڪنن تي ٻڌل ڊيموڪريٽس گروپ قائم ڪيو هو جنهن جا ڪجهه ميمبر اڳ ئي سندس ساٿ ڇڏي استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شامل ٿي چڪا آهن.

بقايا 08

۾ هفتيوار ميڊيا بريفنگ دوران ممتاز زهرا بلوچ چيو ته خديجه شاهه جي ٻٽي شهريت سبب آمريڪي سفارتخاني قونصلر رسائي جي درخواست ڪئي. خديجه شاهه ڪيس ۾ آمريڪي سفارتخاني جي درخواست گهرو وزارت ڏانهن اماڻي ڇڏي آهي. پرڏيهي وزارت جي ترجمان وڌيڪ چيو ته پاڪستان آئين ۽ قانون موجب هلندڙ ملڪ آهي. پاڪستان ۾ سمورن شهرين کي بنيادي حق ملي رهيا آهن پاڪستان جي حڪومت سمورا مقامي قانون ۽ عالمي گهرجون پوريون ڪري رهي آهي. پاڪستان ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙي جا الزام بي بنياد آهن. ممتاز زهرا بلوچ وڌيڪ چيو ته عافيه صديقي پراڻو ڪيس آهي. پاڪستان جي حڪومت هر ممڪن مدد ڪري رهي آهي. عافيه صديقي ڪيس ۾ پاڪستاني مشن آمريڪا ۾ به قانوني ۽ اخلاقي مدد ڪري رهيو آهي. ترجمان چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪونسل جي قراردادن موجب جموں ڪشمير تڪرار جي منصفاڻي ۽ پر امن حل جي لاءِ ڪشميرين جي سياسي سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکي ويندي. هن چيو ته اهو ڏينهن اسان کي ڪشميري ٻارن جي حالتن جي ياد ڏياريندو آهي جيڪي ڀارتي فوج جي لاڳيتو گهيراءَ ۽ وحشياڻي جبر سبب پريشانين جو شڪار آهن ترجمان چيو ته ڪشميري ٻارن جي هڪ پوري نسل خوف تشدد ۽ جبر جي ماحول ۾ پلجي رهي آهي. ڪشمير جا يتيم ٻار معاشي پريشانين، اڪيلائپ ۽ نفسياتي صدمي جو شڪار آهن.

بقايا 09

ڪئي ان موقعي تي ضلع ڪائونسل ٿرپارڪر جي چيئرمين جي عهدي لاءِ پي پي اميدوار ڊاڪٽر غلام حيدر سميجوءِ پي پي مينارٽي ونگ جو جنرل سيڪريٽري پونجو مل ڀيل ايڊووڪيٽ به موجود هو زرداري هائوس ۾ ملاقات ۾ ڪملا ڀيل کيس اهم عهدي لاءِ نامزد ڪرڻ تي پيپلزپارٽي قيادت جو شڪريو ادا ڪيو ضلع ڪائونسل ٿرپارڪر جي وائيس چيئرپرسن جي پي پي اميدوار ڪملا ڀيل فريال ٽالپر کي گلن جو گلدستو پيش ڪيو هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، صدر آصف علي زرداري ۽ اڌي فريال ٽالپر جي ٿورائتي آهيان جن عوام جي خدمت لاءِ وڏي ذميواري ڏني آهي فريال ٽالپر منهنجي محسن آهي جنهن هميشه هر مرحلي تي منهنجي رهنمائي ۽ حمايت ڪئي آهي فريال ٽالپر چيو ته هي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو مشن هو ته عورتن کي هر شعبي ۾ اڳيان آندو وڃي خاص ڪري جمهوري ادارن ۾ قائداڻو رول هجي ڪملا ڀيل کي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۾ اهم ذميواري ملڻ سان ٿرپارڪر جي عورتن جا حوصلا وڌندا مسئلا بهتر نموني حل ٿيندا.

بقايا 10

سستو ٿيو. جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ 5 رپيا مهانگو ٿيو آهي. اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 7 پئسا سستو ٿيڻ کانپوءِ 286 رپين 81 پئسن جو ٿي ويو آهي. انٽر بئنڪ ۾ گذريل ڏينهن ڊالر 286 رپين 88 پئسن تي بند ٿيو هو جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 5 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 305 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا 11

جي مد ۾ 30 سيڪڙو جڏهن ته پينشن ۾ 20 سيڪڙو سميت ميڊيڪل ۽ ڪنوينس الائونس ۾ واڌ جو امڪان آهي. هوڏانهن پي اينڊ پينشن ڪميشن حڪومت کي سرڪاري ملازمن کي ملندڙ ميڊيڪل ۽ ڪنوينس الائونسز ۾ سئو سيڪڙو واڌ ڪري پگهارن ۾ ايڊهاڪ الائونس جي مد ۾ 10 سيڪڙو واڌ ڪرڻ جي سفارش ڪري ڇڏي آهي. ناڻي واري وزارت جي ريگوليشن ونگ جي ذريعن جو چوڻ آهي ته ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ واڌ بابت 3 تجويزون تيار ڪيون ويون آهن جيڪي وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٿيندڙ ڪابينه جي اجلاس ۾ پيش ڪيون وينديون ۽ ساڳئي اجلاس ۾ ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن سان گڏوگڏ الائونسز ۾ واڌ جي باري ۾ حتمي فيصلو ڪيو ويندو. ذريعن موجب ايندڙ مالي سال 2023_24 جي وفاقي بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ جي لاءِ پي اينڊ پينشن ڪميشن جي سفارش جي حوالي سان پهرين تجويز ۾ ملازمن کي ملندڙ ميڊيڪل ۽ ڪنوينس الائونسز ۾ 100 سيڪڙو واڌ ڪري پگهارن ۾ ايڊهاڪ الائونس جي مد ۾ 10 سيڪڙو واڌ ڪرڻ جي تجويز آهي. ساڳئي طرح ريٽائرڊ ملازمن کي ملندڙ ميڊيڪل الائونس ۾ به 100 سيڪڙو واڌ ڪري پينشن ۾ 10 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي.

بقايا 12

اسيمبلي جو اجلاس سياڻي جارو ڳي طلب ڪيو ويو آهي. بلوچستان جي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجي وفاقي بجيٽ سيشن جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته بلوچستان عوامي پارٽي وفاقي بجيٽ سيشن جو حصو نه بڻجندي. هن چيو ته بي اي پي جا قومي اسيمبلي ميمبر ۽ سينيٽر وفاقي بجيٽ سيشن ۾ شرڪت نه ڪندا. کين ان حوالي سان واضح هدايتون جاري ڪيون ويون آهن واضح رهي ته بلوچستان سان واسطو رکندڙ ميمبرن گذريل ڏينهن اقتصادي رابطا ڪميٽي جي اجلاس جو به بائيڪاٽ ڪيو هو.

بقايا 13

هندو شاگرديائي جي مذهب مٽائي شادي ڪرڻ جو انڪشاف سامهون اچڻ بعد سندس جي سوشل ميڊيا تي وڊيو وائرل ڪئي وئي آهي جنهن ۾ سندس جو چوڻ آهي ته آءِ پاڻ اختر گبول سان آئي آهيان مسلمان ٿيڻ بعد سندس سان شادي ڪئي آهي مون کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. ياد رهي ته ڪاڇي جي قاضي احمد جي مذهب تبديل ڪري شادي ڪرڻ جي دعويٰ ڪندڙ شاگرديائي سوهاڻا شرما جي پي دليپ ڪمار شرما پنهنجي نياڻي جي سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيو بابت چيو آهي ته نينگري مٿان سخت تشدد ڪيو ويو آهي نينگري کي تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد سندس کان بيان ورتو ويو آهي کيس لکي ڏنو ويو آهي ڪو ماڻهو کيس سمجهائي پيو ته هي پڙهه نينگري حراسيل آهي. هن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته نينگري کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي.

بقايا 14

نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي وفاقي وزير مصدق ملڪ چيو ته ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ پيٽرول جون قيمتون وڌيڪ گهٽ ڪيون وينديون. هن چيو ته ترڪمانستان ۽ آذربائيجان کان ٿابي معاهدي جي نتيجي ۾ گيس جي قيمتون به گهٽ ڪيون وينديون.

بقايا 15

ساڍا 12 ايڪڙ تائين زمين رکندڙ 2 لک 34 هزار 313 هارين کي ڀاڻ جي صورت ۾ سبسڊي ڏني ويندي. وڏي وزير جي زراعت بابت صوبائي صلاحڪار منظور وساڻ جو وڌيڪ پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته يوريا ۽ ڊي اي پي ڀاڻ تي سبسڊي جي رقم في هاري کي 60 هزار رپيا ڏني ويندي، صرف رجسٽرڊ هارين کي 14.059 بلين رپيا ڏنا ويندا. منظور وساڻ چيو ته هڪ ايڪڙ ۽ ساڍي 12 ايڪڙ تائين زمين رکندڙ هارين کي هڪ جيتري ئي سبسڊي رقم ڏني ويندي، ٻئي مرحلي ۾ هارين کي 5 هزار رپيا في ايڪڙ سبسڊي جي رقم ڏيڻ جو به سلسلو جاري آهي.

بقايا 16

پابندي مڙهيل تنظيم جي هڪ دهشتگرد کي گرفتار ڪري ورتو. جوابدار پابندي مڙهيل تنظيم کي مالي مدد ڏيندو هو سي ٽي ڊي جي انچارج جو چوڻ آهي ته جوابدار سوشل ميڊيا تي پابندي مڙهيل تنظيم لاءِ فنڊ گڏ ڪندا هئا. جوابدار جي قبضي مان امدادي رسيدون ۽ رقم هٿ ڪئي وئي آهي. جوابدار دهشتگردي جي تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ افغانستان وڃڻ چاهيندا هئا.

بقايا 17

الحق چيو ته ڪرپشن کان پاڪ پاڪستان لاءِ خوشحال پاڪستان به اهم قدم آهي. هن چيو ته ملڪ کي ماءُ جي گود وانگر مقدس گود سمجهي ٿو. اسان اهو پاڪستان ڳولي رهيا آهيون جنهن جو خواب علامه اقبال ڏٺو هو سراج الحق چيو ته هو اهڙو پاڪستان ڳولي رهيا آهن جتي عوام کي حڪمرانن تائين رسائي هجي. اڄ انصاف بدران عدالتن ۾ منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته هڪ اهڙو شعبو آهي جنهن تي ظالمن ڀرپور حملا ته ڪيا آهن. جڏهن به ناڻي وارو وزير ايندو آهي ته چوندو آهي ته وسيلا گهٽ آهن. امير جماعت اسلامي پاڪستان سراج الحق جو به چوڻ آهي ته توشه خاني ۾ ڪير شامل ناهي؟ نيب جي آفيسن ۾ ڪير آهي جنهن جو نالو ناهي؟

بقايا 18

بيان ۾ هن چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ اسان مرحوم جي سوڳوار پونئرن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

بقايا 19

ڇڏي. چيف جسٽس عمر عطابنديال جي سربراهي ۾ 8 رڪني لارجر بينچ اڄ منجهند 12 وڳي ڪيس جي ٻڌڻي ڪرڻي هئي. بينچ ۾ جسٽس اعجاز الحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس مظاهر نقوي، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس عائشه ملڪ، جسٽس حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس شاهد وحيد شامل آهن سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ تي حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته وفاقي حڪومت ۽ پاڪستان بار ڪيس ۾ فل ڪورٽ جوڙڻ جي درخواست ڪئي آهي. اڄ ٻڌڻي کان اڳ عدالتي ڪمري ۾ 7 ڪرسيون لڳايون ويون هيون جڏهن ته بينچ ۾ 8 ميمبر هوندا. بعد ۾ معلوم ٿيو ته بينچ جي ميمبر جسٽس شاهد وحيد جي طبيعت خراب آهي. جڏهن وڪيلن کي عدالت جي پرسان واري ڪمري ۾ گهرايو ۽ کين آگاهه ڪيو ته اٽارني جنرل سپريم ڪورٽ جي ريويو اينڊ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ ۾ هڪجهڙائي واري معاملي تي جواب ڏيڻ لاءِ وقت گهريو آهي. بجيٽ سبب اٽارني جنرل جواب جمع نه ڪرائي سگهيو حڪومت جي جواب تي بجيٽ کان پوءِ عملي ۽ پروسيجرل ايڪٽ تي ٻڌڻي ممڪن ٿيندي. سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 20

وزارت جا آفيسر خاص مبارڪن جا مستحق آهن هن چيو ته ڪامن مئنيجمينٽ يونٽ کي اڃا وڌيڪ مضبوط ۽ ان جي صلاحيت کي وڌايو ويندو گرانٽ ٽي بي ۽ مليريا جهڙي بيماري کي ختم ڪرڻ ۾ ڪارگر ثابت ٿيندي. سال 2003 کان هن وقت تائين ٻهرين پيرو پاڪستان جي فنڊنگ درخواست تي گلوبل فنڊ جي ٻهرين ونڊو ۾ منظور ڪيو ويو صحت واري وزير چيو ته مان گلوبل فنڊ جي ٽيم جو ٿورائتو آهيان جنهن پاڪستان جو ڪيس وڙهيو ۽ عالمي امدادي ادارن جو به ٿورائتو آهيان جن گرانٽ وٺڻ ۾ پاڪستان کي ٽيڪنيڪي مدد فراهم ڪئي عبدالقادر پٽيل چيو ته صحت واري وزارت عوام کي بيمارين کان محفوظ رکڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻي رهي آهي عوام جي خدمت اسان جو مشن آهي صحت جو شعبو بهتر ٿي رهيو آهي.

بقايا 21

ٻڌڻي دوران عدالت پوليس جي وڌيڪ جسماني ريمانڊ جي استدعا رد ڪري ڇڏي. ٻڌڻي دوران سرڪاري وڪيل عدالت ۾ دليل ڏيندي چيو ته خديجه شاهه، صنم جاويد کان جسماني ريمانڊ دوران ڏنڊو هٿ ڪيو ويو آهي. صنم جاويد سميت ٻين عورتن پيٽرول بم جو به استعمال ڪيو عورتن کان پيٽرول بم هٿ ڪرائڻ ضروري آهي سرڪاري وڪيل استدعا ڪئي ته عدالت گرفتار عورتن جو وڌيڪ جسماني ريمانڊ ڏيڻ جو حڪم ڏئي جنهن تي جج پڇائو ڪيو ته اوهان اڳ جسماني ريمانڊ ۾ پيٽرول بم جو نه لکيو هو اڄ اوهان لکي ڪٿي آيا آهيو جنهن کان پوءِ اي ٽي سي عدالت خديجه شاهه سميت ٻين عورت جوابدارن کي 14 ڏينهن جي لاءِ جوڊيشل ريمانڊ تي جيل اماڻي ڇڏيو.

بقايا 22

ڪرڻ جو ڪو به اختيار نه آهي فرح خان ۽ سندس مڙس احسن جميل گجر جو پنهنجو ڪاروبار آهي. نيب طرفان جاچ پنهنجن اختيارن کان مٿاهين آهي. جن بينڪ اڪائونٽس کي بنياد بڻائي جاچ شروع ڪئي وئي آهي اهي اڳ ئي ظاهر ڪيل آهن.

بقايا 23

ٿيو جڏهن صوبي جي نائب گورنر نثار احمد احمدي جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وئي. مقامي اختيارين ڌماڪي جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته واقعي ۾ ڪيترين ئي فوتگيون ٿيون آهن پر ان جو صحيح انگ ناهي ٻڌايو ويو. ياد رهي ته اڳاري ڏينهن بدخشان صوبي جي وقتي ڊپٽي گورنر سوڌو 2 ڄڻا ڪار بم ڌماڪي ۾ مارجي ويا هئا.

بقايا 24

درخواست تي اعتراض لڳايو ويو آهي ته آئين جي آرٽيڪل 248 جي تحت صدر عارف علوي کي ڌر نٿو بڻائي سگهجي. جڏهن ته درخواست ۾ عوامي مفاد ۽ بنيادي حقن جي سوال جي باري ۾ به نه ٻڌايو ويو آهي. ان کان علاوه 184 (3) جي استعمال جي حوالي سان اٿاريل نڪتا تسلي بخش نه آهن. جڏهن ته درخواستگذار ڪنهن ٻئي لاڳاپيل فورم سان رابطو نه ڪيو آهي نه ئي رابطي ڪرڻ جو سبب ٻڌايو آهي. جڏهن ته درخواست لکندڙ وڪيل جو نالو به نه ٻڌايو ويو آهي. امتياز نالي شهري صدر عارف علوي جي نااهلي خلاف درخواست داخل ڪئي هئي.

بقايا 25

واپڊا چيئرمين سجاد غني ديامر ڀاشا ڊيم منصوبي جو دورو ڪيو. ان موقعي تي کيس منصوبي بابت بريفنگ ڏني وئي آفيسرن چيئرمين واپڊا کي ٻڌايو ته سنڌو درياءَ پنهنجي قدرتي وهڪري تي عمل ڪندي، اختيارين موجب ديامر ڀاشا ڊيم منصوبي جي 13 سائيٽن تي تعميراتي ڪم جاري آهي. ديامر ڀاشا ڊيم ۾ 8.1 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ذخيرو ٿيندو منصوبي جي عملدارن بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ڊيم مان 4 هزار 500 ميگاواٽ سستي بجلي پيدا ڪئي ويندي. 4 هزار 320 ميگاواٽ جو داسو منصوبو ٻن مرحلن ۾ مڪمل ڪيو ويندو.

بقايا 26

استعمال ڪيا نه ته اڄ جيل ۾ هجي ها. هن چيو ته جيڪڏهن ڪي رليف نه ڏنو وڃي ها ته ڪالهه عبدالرزاق شر شهيد نه ٿئي ها، هي جرئت ڪٿان اچي ٿي پنهنجي خلاف ڪيس هلائڻ لاءِ وڪيل کي قتل ڪري؟ عطا تارڙ جو چوڻ آهي ته ڪالهه مقتول وڪيل جي پٽ کي جوابدار نامزد ڪيس ٻهرين ڪرپشن ۽ هاڻي اهو شخص قتل تي اچي ويو آهي. هي ڌرهاري ذهنيت وارا ماڻهو آهن. جن جو وجود رياست کان وڏو آهي. ن ليگ اڳواڻ چيو ته اسان جي پارٽي جا رڳو 5 ماڻهو پنجاب اسيمبلي ڇڏي ويا. اسان ڪنهن کي به غدار نه چيو ۽ سڀني کي واپس ورتو. اسان وٽ قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين جا اميدوار هر هنڌ موجود آهن هن جو چوڻ آهي ته اسان وٽ نوان ماڻهو ڀرتي ڪرڻ جي گنجائش ناهي. جهانگير ترين سان مثالي ورڪنگ لاڳاپا آهن. ڪجهه ماڻهو ان سازش جو حصو آهن. انهن کي ڏسي سٺو ۽ غير ضروري رليف ڏنو وڃي. هن چيو ته آمريڪا کان فوجي امداد بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو پاڪستان کي F_16 جهاز نه ڏنا.

بقايا 27

جمع ڪرائي سگهندا تفصيل موجب ريجنل اليڪشن ڪميشن ڪراچي نذرعباس شيڊول جاري ڪيو جنهن موجب 9 ۽ 10 جون تي اميدوار نامينيشن فارم جمع ڪرائي سگهندا ۽ 11 جون تي اميدوارن جي ڪاغذن جي اسڪروٽني ٿيندي شيڊول ۾ ٻڌايو ويو ته 12 جون تي رٽرننگ آفيسر جي فيصلي جي خلاف اپيلون داخل ٿي سگهنديون ۽ 13 جون تي اپيليٽ اٿارٽي حتمي فيصلو جاري ڪندي 14 جون تي اميدوارن جي ان جي پارٽي سان تعلق جي آخري لسٽ جاري ٿيندي جيڪا هٿ ڪرڻ جي آخري تاريخ آهي ۽ 15 جون تي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر ڪراچي جي عهدن لاءِ ووٽنگ ٿيندي.

بقايا 28

عرفان قادر پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ اڳيرائي ٿي آهي. ڪجهه وڌيڪ ثبوت سامهون آيا آهن. پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڪجهه مائٽن به عطيو حاصل ڪيو آهي. دعويٰ ڪئي وئي آهي ته 190 ملين پائونڊن جا عطيا ڏنا ويا آهن. رياست سان تعلق رکي ٿو. هڪ فرد جي اڪائونٽ ۾. ٽيڪس جي لحاظ کان قومي خزاني جي تمام گهڻو نقصان پهچايو عرفان قادر چيو ته ساڍا 4 ارب رپيا اڳوڻي خاتون اول جي دوست جي اڪائونٽ ۾ ويا. سپريم ڪورٽ پاڪستان حڪومت لاءِ آيل رقم جي جاچ ڪري. جنرل فيض جا آمدني کان وڌيڪ اثاثا ظاهر ڪيا ويا آهن جيڪڏهن آيو ته نيب ضرور ان جي جاچ ڪندي. هن چيو ته مريم بي بي نواز شريف ڪيس ۾ ڪليئر ٿي چڪي آهي. اهوئي ڪيس نواز شريف خلاف هو نوازشريف جيڪا آمدني ڪڏهن به نه ورتي. ان کي لڪايو ويو. سپريم ڪورٽ به قلم جي زور تي سندس بنيادي حقن کي ختم ڪري ڇڏيو جيڪڏهن عدليه جو وقار تڪراري آهي ته ان کي ٺيڪ ڪندا. اسان انهن چند ججن سان گڏ نه آهيون جيڪي آئين کي هٿ ۾ ڪٽڻ چاهين ٿا.

بقايا 29

ڪيو ويو ان حوالي سان ٻڌايو پيو وڃي ته مقتول باءِ پاس هوٽل تي مزدوري ڪندو هو جو ڳي ڳوٺ لڳ ٿرمل پاور هائوس ۾ رهائش پذير هو پوليس موجب نوجوان اصل ۾ پاندي شرر ڳوٺ بلوچستان جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي. جڏهن ته قتل جو ڪارڻ ذاتي دشمني ٿي سگهي ٿو فوتي جي وارثن جي اچڻ بعد وڌيڪ خبر پئجي سگهي ٿي.

بقايا 30

ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته ڪالهه ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي گهرن ۾ اسان جا 63 ماڻهو موجود هئا. ميئر جي چونڊ واري ڏينهن رڳو اسان جا 193 ماڻهو گهر ۾ هوندا. اميد ته ٻيون سياسي پارٽيون به اچي ميئر جي چونڊ ۾ حمايت ڪنديون. هن چيو ته سنڌ حڪومت وادرشاهي کي برقرار رکڻ چاهي ٿي. پيپلزپارٽي ڪراچي لاءِ ڪجهه ڪرڻ نٿي چاهي. ملڪ ۾ نيون پارٽيون وجود ۾ اچي رهيون آهن. انهن حالتن ۾ ڪراچي جي آدمشماري کي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي آهي. حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ آهي ته ماضي ۾ چيو ويو ته ڪراچي جي آبادي ايتري آهي. ڪراچي جي آبادي 1 ڪروڙ 91 لک کان وڌيڪ آهي. جيڪو فراڊ آهي. هنن جو اهو به چوڻ آهي ته متحده قومي موومينٽ پاڪستان ڪوڙو دعويٰ ڪري رهي آهي ته هنن ڪراچي جي آبادي 30 لک وڌي وئي آهي. جيڪو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي اهو فراڊ آهي ان ڪري معاملو سامهون آندو وڃي.

بقايا 31

موجب تحريڪ انصاف جي چيئرمين شاهه محمود قريشي سان ميٽنگ روم ۾ ملاقات نه ٿي. پي ٽي آءِ چيئرمين، قريشي سان وڊيو رڪارڊنگ روم ۾ ملاقات ڪئي ذريعن موجب شاهه محمود قريشي ڪارڪنن کي رليف ڏيڻ لاءِ پاليسي ناهڻ تي زور ڏيندي چيو ته هزارين ڪارڪنن کي پڪڙيو ويو آهي. انهن جي آزادي لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجن. پارٽي کي نظام ۾ واپس آڻڻ لاءِ سخت فيصلا ڪرڻ جي ضرورت آهي ذريعن موجب ٻنهي اڳواڻن لان ۾ واڪ دوران ڪجهه دير ڳالهه ٻولهه ڪئي ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين سان ملاقات ڪانپوءِ شاهه محمود جو موبائيل فون اڃا تائين بند آهي.

بقايا 32

پارٽي" قائم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جهانگير ترين نئين سياسي جماعت جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته اڄ اسان هڪ نئين جماعت استحڪام پاڪستان پارٽي ناهي رهيا آهيون. سياست ۾ اچڻ جو هڪ ئي مقصد ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجو حصو وجهڻ آهي. مان روايتي سياستدان ناهيان. سياست ۾ دير سان آيس. هن چيو ته تحريڪ انصاف کي هڪ مضبوط سياسي قوت بڻائڻ ۾ رات ڏينهن محنت ڪئي. 2013 جي چونڊن ڪانپوءِ اسان پارٽي ۾ هڪ جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو. ايندڙ ڏينهن ۾ حقيقتون سامهون اچي وينديون ته پارٽي کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڇا ڇا ڪيو. پاڪستان ۾ سڌارا آڻڻ اسان جو بنيادي منشور هو. بدقسمتي سان ائين نه ٿي سگهيو سندس چوڻ هو ته 9 مئي جي واقعن پاڪستان جي سياست کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. منصوبي سازن کي انجام تي نه پهچايو ويو ته سياسي مخالفن جي گهرن تي حملا به جائز سمجهيا ويندا. ڪو به معاشرو ان جي اجازت نٿو ڏئي سگهي. جهانگير ترين چيو ته ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي. عوام جون اميدون دم توڙي ويون آهن. اسان گڏجي ملڪ کي ڏکيائين مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ چاهيون ٿا. اهڙي سياسي قيادت جي ضرورت آهي. جيڪا ملڪ کي اڳتي وٺي وڃي. هن چيو اسان جو جمهوري نظام تڏهن مضبوط ٿي سگهي ٿو جڏهن حڪومت ۽ اپوزيشن پنهنجي ذميوارين کي سمجهي ۽ عمل ڪري. ايندڙ ڏينهن ۾ اسان جي جماعت ۾ وڌيڪ ماڻهو شامل ٿيندا. پنهنجي ايجنڊا منظر تي آڻينداسين. چونڊن ۾ به اسان بهترين نتيجا ڏينداسين. پريس ڪانفرنس دوران عليم خان چيو ته موجوده صورتحال ۾ هر پاڪستاني پريشان آهي. اسان کي ملڪي حالتن تي ڳڻتي هئي. تنهن ڪري الڳ پارٽي ناهڻ جو فيصلو ڪيو. پنهنجي وڏي ڀاءُ جهانگير ترين جو ٿورائتو آهيان. جنهن اسان سڀني کي گڏ ڪيو. اسان سڀ گڏجي جهانگير ترين جي قيادت ۾ ان جدوجهد ۾ حصو وٺنداسين. هن چيو ته ڏڦيڙ جي سياست پاڪستان کي ڪوکلو ڪري ڇڏيو آهي. اسان کي ڏڦيڙ ختم ڪرڻو آهي. اهڙو مستحڪم پاڪستان بڻائڻو آهي. جنهن ۾ پارليامينٽ، عدليا ۽ اسٽيبلشمينٽ هڪ پيج تي هجن. ذريعن جو چوڻ آهي ته عمران اسماعيل، علي زيدي، فواد چوڌري، عامر ڪياڻي، محمود مولوي، جي پرڪاش، مراد راس ۽ فردوس عاشق اعوان نئين جماعت جو حصو هوندا. ذريعن موجب اڳوڻا آءِ جي ظهيرالدين عليزئي، جاويد انصاري، طارق عبدالله، فياض چوهان، نعمان لنگڙيال، نوريز شڪور، رفاقت علي گيلاني ۽ ممتاز مهروي به جماعت ۾ شامل هوندا. جڏهن ته فاٽا مان جي جي جمال ۽ ڪي پي مان اجمل وزير به پارٽي جو حصو آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته مهر ارشاد ڪاٺيا، عثمان اشرف، جليل شرقپوري، خرم روڪڙي ۽ ديوان عظمت به جهانگير ترين گروپ ۾ شموليت جو اعلان ڪري چڪا آهن.

بقايا 33

ميمڻ چيو ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو جو عراق جو دورو انتهائي ڪامياب رهيو، ان ڪري عراقي حڪومت به ڪالهه اسيمبلي ۾ بل پاس ڪيو آهي. ملڪ جو سفارتي عملو به زائرين جي مدد لاءِ موجود هوندو. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ڪالهه ايف بي سي سي آءِ ۾ ملڪي صورتحال تي ڳالهائيندي عوام لاءِ آواز اٿاريو ۽ هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه چاهي ٿي ته عوام کي رليف ڏنو وڃي. صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو ته آصف علي زرداري ملڪ جي عوام لاءِ آواز اٿاريو ۽ واپارين جي تحفظ لاءِ به ڳالهايو هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿي. آصف علي زرداري کي جڏهن به موقعو مليو عوام جي خدمت ڪئي. 2013ع ۾ مهانگائي ناهي آئي پر افسوس جي ڳالهه آهي ته 3 سالن ۾ ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان آيو ملڪ قائم ڪيا ويا. هنن جو چوڻ آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين کي سياسي سمجهه نه هئي. هو طاقت جي زور تي اقتدار ۾ رهيو ۽ نوجوانن کي گمراهه ڪيو. خراب پاليسين ملڪي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو هن آءِ ايم ايف سان ڪيل واعدا پورا نه ڪيا ۽ معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو جيڪو سنگين ڏوهه آهي. سنڌ جي اطلاعات واري وزير چيو ته پاڪستان ۾ سياست ڪرڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي. پيپلز پارٽي هميشه چونڊن ذريعي اقتدار ۾ آئي. آصف علي زرداري کي جڏهن به موقعو مليو عوام جي خدمت ڪئي. ڪير به جلسي ۽ جلوس ۾ ملوث رهيو آهي. ڪيس قانون آڏو احتساب ڪرڻو پوندو. اپوزيشن ليڊر جون تنگيون ڏکي رهيون آهن. اسيمبلي ۾ ڪيس ڪجهه به نه هوندو، اپوزيشن ليڊر کي ريڊ ڪارپيٽ لڳايو ويندو.

بقايا 34

پابندي مڙهيل تنظيم جي هڪ دهشتگرد کي گرفتار ڪري ورتو. جوابدار پابندي مڙهيل تنظيم کي مالي مدد ڏيندو هو سي ٽي ڊي جي انچارج جو چوڻ آهي ته جوابدار سوشل ميڊيا تي پابندي مڙهيل تنظيم لاءِ فنڊ گڏ ڪندا هئا. جوابدار جي قبضي مان امدادي رسيدون ۽ رقم هٿ ڪئي وئي آهي. جوابدار دهشتگردي جي تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ افغانستان وڃڻ چاهيندا هئا.

بقايا — سنڌيار 01

جي اڳواڻن وزير کوسو، حاجي خان پٺاڻ، ايس يو پي جي آصف مگسي، ايس ٽي پي امداد سومرو، شهري اتحاد صدر وهاب پنڊرائي، سردار مگسي، قاسم سومرو، احمد نواز بروهي، انيل ڪمار گرناڻي پين هٽن ۽ بيئرپلي ڪارڊ ۽ پارٽين جا جهنڊا کڻي ڪوٽموٽو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي ان موقعي اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته شهر ۾ بدامني وڌي وئي آهي ڏينهون ڏينهن اسٽريٽ ڪرائيم واڌ سبب هر روز موٽرسائيڪلن ۽ موبائل فونن جي چورين ڦرن معمول بڻيل آهي شهر ۾ وڌندڙ بدامني سبب شهري پريشاني ۾ ورنجي ويا آهن هنن پوليس مٿان الزام هڻندي چيو ته پوليس چورن ۽ ڦورن جو ساٿاري بڻيل آهي جنهن ڪري ڦورو سري عام شهرين کان هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪلون ۽ موبائل فونن سميت لکين روپيا روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي وڃن ٿا. شهرين آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته شهدادڪوٽ ۾ وڌندڙ بدامني جو نوٽيس وٺي شهرين کان ڦر ٿيل پئسا، موٽرسائيڪلون ۽ موبائل فونون واپس ڪرايي شهر ۾ امن قائم ڪري شهرين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪري جيئڻ جو حق ڏنو وڃي.

بقايا — سنڌيار 02

آ ء ايم ايف جي هدايتن تي ناهيل بجيٽ عوام دوست نه ٿي سگهي. ڪاڌي پيتي جون شيون، دوائون ۽ ٻيون ضرورتون زندگيون عوام جي پهچ کان پري آهن. اسان جو الميو اهو آهي ته مني بجيٽ هر مهيني ايندي آهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سوشل ميڊيا تي احتجاج ڪرڻ بدران عوام پنهنجي حقن ۽ پنهنجي ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ عملي طور احتجاج ڪن. هي پاڪستان اسان جو آهي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪم ڪن

بقايا — سنڌيار 03

ڪيو ويو ۽ ڪجهه فيصلا ڪندي لاڳاپيل کاتن جي نمائندن کي هدايت ڪئي ته متاثرن جي شڪايتن جو جلد از جلد ازالو ڪيو وڃي ۽ ڪين هدايت ڪئي ته ناانصافي نه ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ اهڙن ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. .سيد محمود علي شاهه درخواستگذارن جي شڪايتن جو فيصلو ڪيو ۽ يقين ڏياريو ته سيپڪو اختيارين طرفان 30 ڏينهن اندر ڄاڻايل شڪايتن تي عمل ڪيو ويندو ٻي صورت ۾ عمل نه ڪرڻ جو ڪيس وفاقي محتسب کي موڪليو ويندو ۽ حڪم جي ڀڃڪڙي ڪندڙ آفيسرن خلاف ڪارروائي جي درخواست ڪئي ويندي.

بقايا — سنڌيار 04

اسان جو نوجوان مقتول ذاڪر علي پنهنجي امڙ سان ملڻ لاءِ ڳوٺ اچي رهيو هيو ته گلڻ جروار ؛ مسرور جروار ؛ سومر جروار ؛ ممتاز جروار ؛ مختيار جروار بيدردي سان مقتول کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو جنهن بعد اهڙو ڪيس اسان حد جي ٿاڻي تي پڻ داخل ڪرايو آهي پر بااثر هئڻ ڪري هن مهل تائين پوليس پاران ڪا به گرفتاري عمل ۾ ناهي آندي وئي بيبي پاسي مقتول نوجوان ذاڪر علي جي امڙ به سندس نوجوان پٽ جي لاش تي هنجون هاريندي انصاف لاءِ مطالبو ڪري رهي آهي0 ان موقعي تي مقتول جي وارثن ۽ سندس امڙ انصاف لاءِ مطالبو ڪندي چيو آهي ته اسان سان وڏو ظلم ٿيو آهي آءِ جي سنڌ ؛ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ؛ ايس ايس پي نوشهرو فيروز ؛ چيف جسٽس آف سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊبل بينچ آف سکر ؛ سيشن جج نوشهرو فيروز اسان جي ناحق ٿيل خون جو نوٽيس وٺي قاتلن کي قانون مطابق سزا ڏيئي اسان سان انصاف ڪن ۽ بيگناهه ٿيل ناحق نوجوان ذاڪر علي جي خون سان انصاف ڪن0

بقايا — سنڌيار 05

صورت ۾ پنهنجي آفيس پهتا، جتي شهرين جي طرفان زبردست استقبال ڪندي گلن جا هار پاتا، ان موقعي تي ملڪ سعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته مان پنهنجي اعليٰ قيادت جو شڪر گذار آهيان، جنهن مونکي هن قابل سمجهيو ۽ يوٿ چيئرمين جي مخصوص سيٽ ڏني انشاءالله مان عوام جي ۽ قيادت جي اميدن تي پورو لهندس ۽ دل سان عوام جي خدمت ڪندس.

بقايا — سنڌيار 06

تحريڪ پاران عوامي هائوس شڪارپور تي انقلابي اڳواڻ رسول بخش پليجي جي پنجين ورسي ملهائي وئي ان موقعي تي ايڊووڪيٽ آغا فهد خان، ايڊووڪيٽ ظفرعلي چنه، سنڌي جو بولي ناميارو اديب انورفگار هڪڙو، مزاحمتي ليکڪ همير چانڊيو، ايڊووڪيٽ زاهد پنهور، سلطان رند، نسيم بخاري ۽ نادر بلوچ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته رسول بخش پليجو ايشيا جي عظيم انقلابي اڳواڻ، مدبر، محقق، ليکڪ، سنڌو درياهه جي وڪيل، ڪوٽ لکپت جي فاتح، ضمير جي قيدي، ايم آر ڊي جدوجهد جي مهندار، سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ سياست جا نوان انقلابي گس ڏيندڙ، سنڌ جي انتهائي پٺتي پيل قبائلي ۽ جاگيرداري سماج ۾ سنڌ جي مظلوم ۽ پورهيت عورتن ۾ سياسي سجاڳي، سمجهه ۽ شعور جا ڏيئا روشن ڪيا ۽ عورتن کي سياست سان روشناس ڪرايو ۽ سياست ۾ عورتن کي اڳواڻي جو تمام وڏو ڪردار ڏنو پيادل لانگ مارچ هجن يا وسيلن کي بچائڻ لاءِ احتجاج سنڌياڻي تحريڪ جون ڀينرون پهرين صف ۾ بيٺل نظر اينديون هيون هن وقت به پليجو ازم جي وات تي هلندڙ ساٿي شهرن علائقن جون مالڪي ڪن پيا ڌرتي لاءِ وڙهن پيا ظلم حڪمرانن سان مهاڏو اٽڪائن پيا اڳواڻن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته پليجو صاحب سنڌو درياهه ۽ پاڻي جو وڪيل هيو پليجي صاحب جي اڄ پنجين ورسي تقريب آهي ان موقعي تي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا ۽ اهو وچن ڪريون ٿا ته سنڌ جي وسيلن ۽ ڌرتي جي مالڪي ڪنداسين رهنداسين تقريب ۾ قومي گيتن سان زبردست ڀيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي امداد سومرو، حاجي احسان ميمڻ، شاهنواز ابڙو، خان محمد ڏئيو، آغا قربان خان ترين، عامر بابلائي ، سجاد سينار، وحيد قلبوتو، عديل علوي، شرجيل شيخ، عرفان ملڪ، نهال خان پنهور سميت مختلف مڪتبه فڪر سان سلهاڙيل ماڻهن شرڪت ڪئي.

بقايا — سنڌيار 07

گڏ پهتا قتل ٿيل نوجوان ذاڪر جروار جي پيءُ عيسي جروار روئندي ٻڌايو ته اسان جو پاڻ ۾ چوري تان تڪرار هو ان جو فيصلو سيد منظور شاهه چيئرمين اعجاز ۽ ٻين 40 قرآنن تي کيو گلڻ معافي به ورتي ان کان پوءِ به اسان جي نوجوان کي سومر جروار جي پٽ جي تي گلڻ منظور ۽ اصغر منگي ۽ ٻين قتل ڪيو آهي اسان ايف آءِ آر به داخل ڪرائي آهي پر ايس ايڇ او مير محمد رند مصدق جتوئي جي چوڻ تي قاتل گرفتار نه ٿو ڪري سري عام گهمن پيا ۽ اهي قاتل اصغر منگي ۽ ٻيا اسان کي ڌمڪيون ٿا ڏين ته ڪيس تان هٿ ڪڻو نه ته توهان کي به ماريندا سين جيڪڏهن پوليس قاتل گرفتار نه ڪيا ت اسان سيشن ڪورٽ اڳيان پاڻ ساڙينداسين ان موقعي تي خادم حسين گلڌار غازي خان ۽ ٻين قرآن مٿي تي کڻي وس وارن ايس ايس پي نوشهرو فيروز تيون جتوئي جي وڏيرن کي مخاطب ٿيندي چيو ته هن قرآن جي واسطي قاتلن جي سپوت نه ڪيو ذاڪر جي خون سان انصاف ڏئي صحافين کي به قرآن جو وسطو آهي خبرسان جي مٿي پهچائين ته جيئن اسان کي انصاف ملي سگهي

بقايا — سنڌيار 08

جي اطلاع تي پيروسڻ پوليس پهچي ٽڪر هڻندڙ ڪوچ کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن فوت ٿيل نوجوان درويش صفت ٻڌايو پيو وڃي جنهن جي سڃاڻپ اڪري چوڏگي جي ڳوٺ الڏشرواسي اسلم شر طور ٿي آهي.

بقايا — سنڌيار 09

نوشهروفيروز ۾ وڌندڙ گندگي، شهر کي نڪتون ڊرينيج سسٽم ، رينج مشين نه ڏيڻ ، ويزا سسٽم ۽ ڪرپشن خلاف سياسي سماجي تنظيمن آل پارٽيز الائنس پاران مختلف تنظيمن پاران درو ڪامورن خلاف تحريڪ جو آغاز ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن محمد يونس راڄپر، محمد ابراهيم نڱراج منظور مغل، لم ظفر تگر مهر وسطو، غلام سرور آرائين،عبدالسلام ٻر، طالب حسن مبجو عادل عباس،عتق الرحمان وسطو آصف حسنه ٻين چيو ته نوشهروفيروز جي نااهل انتظاميان ۽ چونڊيل نمائندن جي لاپرواهي سبب نوشهروفيروز شهر گندگي جو ڍير بڻجي ويو آهي جنهن سبب نوشهروفيروز جا شهري، معصوم ٻار ۽ شاگرد مختلف بيمارين ۾ ورنجي رهيا آهن پر افسوس انتظاميان ۽ چونڊيل نمائندن جي ڪنن تي جون ء به نه ٿي چري هن چيو ته نوشهروفيروز جا روڊ رستا، مين چوڪ ۽ هيڊائين وارا علائقا ڊرينيج جي گندي پاڻي جي ليپٽ هيٺ ڪري شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ دڪاندارن جو ڪاروبار به ٺپ ٿي ويو آهي هر طرف گندگي جا ڍير هئڻ ڪري شهر کنڊر جو ڏيک ڏئي رهيو آهي هن اعلان ڪيو ته 15 جون د تائين شهر صاف نه ٿيو ته نوشهروفيروز آڏو ڌرڻو هڻي ويندو

بقايا — سنڌيار 10

